# اسان جي ٻولي، اسان جي تعليم

## مرتب

محمد ابراهيم جويو

سنڌ فرينڊس سرڪل حيدرآباد سنڌ

1985ع

ڊجيٽل ايڊيشن 2016ع

ڪمپوزنگ: شاهنواز سومرو

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (212) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هن ڪتاب **”اسان جي ٻولي اسان جي تعليم “** جو مرتب ناميارو ليکڪ ۽ دانشور **محمد ابراهيم جويو** صاحب آهي.

هي ڪتاب **سنڌ فرينڊس سرڪل حيدرآباد** پاران 1985ع ۾ ڇپايو ويو. اسان ٿورائتا آهيون سائين **شاهنواز سومري** صاحب جا جنهن هي ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# فهرست


ٻه اکر — محمد ابراهيم جويو

1- اسان جي سنڌي زبان — علامه ع. م. دائود پوٽو

2- سنڌي ٻولي- اُن جي بقا ۽ بچاءُ — علامه آءِ. آءِ. قاضي

3- سنڌي ٻولي اَمٽ ٻولي — مولانا دين محمد وفائي

4- قومي زبان ۽ تعليمي زبان — علامه عثمان علي انصاري

5- سنڌي زبان ۽ ذريعي تعليم — مولانا غلام محمد گرامي

6- لفظن جي اهميت — سيد غلام مصطفيٰ شاهه

7- سنڌي ٻولي- اُن جو ماضي، حال ۽ مستقبل — ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

8- سنڌي ثقافت ۽ سنڌي ٻولي اَمر آهن — محمد ابراهيم جويو

ٻولي آواز جو هڪ مهاساگر آهي

قوم ۽ قومي ثقافت جي وجود جو

دارو مدار ٻوليءَ تي آهي

ٻوليون قدرت جا معجزا آهن

'ٻولي'، 'آواز'- دانهَن ۽ دانهن جو جواب

9- اسان جي مادري زبان ۽ ان جي تعليم ۾ اهميت — محمد ابراهيم جويو

10- تعليم جو مؤثر ذريعو مادري زبان آهي — محمد ابراهيم جويو

11- استدعا — 57 صحيحن سان ياداشت

# ٻه اکر

معاشري ۾ فرد جي ڳالھ هجي يا قومن جي برادريءَ ۾ ڪنهن قوم جي، هيڪلِي ۽ نندي هستي هميشه پيارُ چاهي ٿي، ڀروسو چاهي ٿي ۽ مانُ چاهي ٿي — جو تہ اُن کي پنهنجو جيئڻُ عزيز آهي. پر جڏهن اُن تي پڌرو ٿي وڃي ٿو تہ اُن سان پيار نہ پر ڳُلتو ٿئي ٿو، اُن تي ڀروسو نہ پر شڪ ڪيو وڃي ٿو ۽ اُن جو مانُ نہ پر اُن سان ڏوِنس روا رکي وڃي ٿي - ۽ اُهو سمورو وقت، اُن جي اُپت ۽ اِثاثي، وسائل ۽ ورثي ۾ ئي ڏاڍي ڀَڪَ جي هوس ناڪ اک کُتل آهي — تڏهن اُها 'معاشري' کان. 'برادريءَ' کان، مُنهن موڙڻ تي مجبور ٿئي ٿي، ۽ پنهنجي جيئاپي لاءِ آراڏا جتن ڪري ٿي. اهڙيءَ ڪيفيت جو آخري ۽ واحد عنوان هيءُ بڻجي ٿو تہ اُن جي ڪابہ حَقي ڳالھ نٿي ٻُڌجي، اَڌ ٻُڌجي ٿي، ۽ غلط ٻُڌجي ٿي، ۽ ڪڏهن بہ نٿي مڃجي — ايتري قدر جو، اُن کي يقين ٿي وڃي ٿو تہ سواءِ زور جي معاشري يا برادريءَ کان اُن کي حق ملڻو نہ آهي. اُن حالت ۾ معاشري يا برادريءَ ۽ اُن ننديءَ هستيءَ جي وچ ۾ ويڇي ۽ ڏاريائپ جي فولادي ڀت اُڀي ٿي وڃي ٿي، ۽ پوءِ اُها آراڏي انساني هستي، فرد جِي يا قوم جِي، پنهنجي ذات ۾ پاڻ ئي جدا هڪ 'معاشرو'، جدا هڪ 'برادري'، بڻجي پوي ٿي: ۽ پوءِ موت ۾ زور جي عمل سان اُها انفراديت ۽ اُها قوميت وري ڪڏهن مات نٿي ٿئي — سواءِ اِن صورت جي، جو مِٽجي وڃي يا پاڻُ ميٽي ڇڏي. اهڙي خودشناس ۽ باشعور انفراديت ياقوميت (جيسين پاڻُ نٿي ميٽي، تيسين) پنهنجي ذات ۾ هڪُ پاڻ — زورو ڪرشمو، هڪَ پاڻ — پوري قدرت بڻجي جيئي ٿي، يعني فقط خود- ارادِيت جي شرط تي، ۽ اُن جي وجود جو ڪُل انساني برادريءَ جي وجود ۾ پوءِ مستقل ۽ مساوي حصو قائم رهي ٿو.

سنڌي معاشري ۽ سنڌي قوم کي بہ تاريخ ۾، ڪافي ڪجھ وقت، دنيا جي ٻين اڪثر معاشرن ۽ قومن وانگر، ڌارين جي تسلط هيٺ، اِن طرح جي ڳُلتي، تشڪيڪ ۽ ڏوِنس جو نشانو بڻجي رهڻو پيو آهي. اڄ بہ اُن جي ڪنهن حَقي ڳالھ کي ٻُڌو نہ ٿو وڃي، اَڌورو ٻُڌو ٿو وڃي، ڄاڻي ٻُجهي غلط ٻُڌو ٿو وڃي، ۽ هرگز مڃيو نٿو وڃي. اڄ بہ اُن جي اَنيڪ جائز قومي تمنائن سان گڏ، جيڪي اُن جي وجود جي بقا لاءِ لازمي آهن، اُن جي پنهنجي قومي ٻوليءَ جي جائز امنگن ۽ حَقن کي، ڏنن وائنن ڳلتي ۽ ڏوِنس جي اقدامن سان دٻائڻ جي ساڳيءَ انهيءَ جارحانہ ۽ قابضانہ پاليسيءَ تي عمل ٿي رهيو آهي. سنڌي اديبن ۽ فنڪارن کي حرصائي، 'علاقائي' بي آب و گياھ ڀَٽن مان ڪڍي، 'قومي' سرسبز چراگاهن ڏانهن نيو

وجي ٿو؛ سگهارن ابلاغي ذريعن — پريس، ريڊيو، ٽيليويزن- کان، 'علاقائي' ٻوليءَ کي پريائي ۽ ڏناري رکڻ ۽ 'قومي' ٻوليءَ کي آڏي مَکي، وڏو ڪري، مُلڪن ۽ ماڻهن مٿان مڙهڻ جو ڪم ورتو وجي ٿو؛ مملڪتي سهولتن ۽ موقعن کي- ادارائي، تنظيمي، تعميلي، ۽ پڻ تعليمي دائرن ۾ - 'قومي' ٻوليءَ جي سلطاني رتبي کي وڌائڻ ۽ مڃائڻ لاءِ ڪم آندو وجي ٿو، ۽ 'علاقائي' ٻوليءَ کي نظر مان ڪيرائي ڇڏيو وجي ٿو ته پَل ته اُها پنهنجي مُنهن مِٽيءَ ۾ ليٽڙندي رهي؛ هٽرادو نظرياتي تبرڪات ۽ تعقيدات جي آڙ وٺي، هڪ ساهيءَ ۾ مذهب کي قوم جو واحد اِساس چئي، 'علاقائي' ٻوليءَ جي نظراندازيءَ جو جواز، ۽ ٻي ساهيءَ ۾ ٻوليءَ کي قوم جو ٻيو اِساس چئي، قومي ٻولي جي تقديس جو جواز موجود ڪيو وجي ٿو، ۽ اِئين اسين جيڪي پنهنجي مادري ٻوليءَ کي قومي ٻولي مڃون ٿا تن کي خلافِ مذهب ۽ ملڪ- دشمن، قوم- دشمن چئي، تشڪيڪ ۽ ڏؤنس جي نشاني هيٺ رکيو وجي ٿو، ته جيئن اسين خاموش رهون، پيش پئون، ۽ پنهنجي انفراديت، پنهنجي قوميت، پنهنجي انسانيت تان هٿ کڻون، ۽ معاشري ۾، قومن جي برادريءَ ۾، ڏاڍن جي شِڪم پُريءَ لاءِ نرم نرم ۽ سٺيو گراهه بڻجون.

هِن ڪتابچي ۾ "**اسان جي ٻولي، اسان جي تعليم**" جي عنوان هيٺ، پنهنجن خير طلب ۽ دانشمند بزرگن ۽ سڄڻن جِي پُختي راءِ ۽ نيڪ صلاح پيش ڪئي ويئي آهي، ته اسان کي پنهنجِي اِها ٻين جي سٺيي گراهه بڻجي وڃڻ جي قسمت قبول ڪانهي، ۽ اِن انڪار ۾ اسين دين، سياست، تعليم ۽ هر علمي ۽ صالح نظرياتي صداقت سان پوريءَ طرح سچا آهيون ۽ سچا رهنداسين.

اميد ته خيالن جي هيءَ ياداشت، جيڪا خاص طرح سنڌي ٻارن ۽ نوجوانن جي مائٽن ۽ استادن، ۽ سنڌ جي تعليم دانن ۽ تعليم ڪارن، ۽ تعليمي عملدارن ۽ اعليٰ حڪومتي اختيار جي صاحبن جي توجهه لاءِ شايع ڪئي ويئي آهي — اِهي اسان جا عزيز، دوست ۽ ڪرم فرما سڀ ڌيان سان پڙهندا، ويچاريندا، ۽ جي اُن سان متفق ٿين ته اُن کي، پنهنجي پنهنجي دائري ۾، عمل ۾ آڻڻ جا پورا جَتن ڪندا- اِهو ئي اسان لاءِ اسان جي هِن نماڻيءَ محنت جو لائق صد تحسين عِوض ٿيندو.

حيدرآباد سنڌ

**محمد ابراهيم جويو**

14 آگسٽ، 1985ع

# منهنجي ٻولي سنڌ

---------

تنهنجي نقشي تان اي سنڌ
قربان هي تَن مَن آهي
ٻلارو تنهنجو نالو سنڌ
سڀاڳي رکيو ڪنهن آهي؟
تنهنجا جبلَ، سمنڊُ، صحرا
ماڻهو، ساهَ، گلَ، تن لئہ
تو ۾ آهي، سنڌو درياءُ
وهايو هي درياءُ ڪنهن آهي؟
اسان کي مِٽي تنهنجي پياري
پنهنجي هر زندگيءَ کان آهي
منهنجي تنهنجي ٻولي سنڌ
ٻهريان ڳالهائي ڪنهن آهي؟
هتي شهادت اچي بہ سنڌ
توتان هيءَ زندگي قربان آهي
دعا آهي مهراڻوي جِي، سنڌ
آ باد تنهنجو هي وطن آهي.
[ماهوار ”الصادق“، شوال 1405هہ، جي ٿورن سان ]

و من آيات خلق السماوات والارض و اختلاف السنتكم و الوانكم ان في ذالک لا آيات للعالمين.

(قرآن حڪيم)
[ ۽ (سندس) نشانين مان آهي آسمان جو پيدا ٿيڻ ۽ زمين جو پيدا ٿيڻ، ۽ اوهان جي ٻولين جو علحدو (مختلف) هئڻ ۽ اوهان جي رَنگن جو علحدو (مختلف) هئڻ – اِنهن ۾ نشانيون آهن ڄاڻن (عالمن ۽ سائنسدانن) لاءِ. ]

وما ارسلنا من رسول الا بلسان قومه (قرآن حڪيم)
[ اسين ڪو رسول موڪليون ٿا تہ سندس قوم جي زبان سان / وارو موڪليون ٿا.]

قرآنا عربيا لعلڪم تعقلون (قرآن حڪيم)
[اسان قرآن عربي زبان ۾ لاٿو تہ جيئن اوهين سمجهو.]

لو جعلناه قرآنا اعجميا لقالوا لولا فصلت آياته اعجمي و عربي (قرآن حڪيم)
[جيڪڏهن اسين قرآن عجمي زبان ۾ لاهيون ها تہ ماڻهو چون ها تہ آيتن جا تفصيل ڇون نہ ڏنا ويا – هيءَ ڪهڙي ڳالھ آهي، جو رسول عربي هجي ۽ قرآن عجمي!]

# هنديان را اصطلاح هند مدح
# سنديان را اصطلاح سند مدح

(مولانا جلال الدين رومي)

(1)

# اسان جي سنڌي زبان

*****

علامہ ع . م . دائود پوٽو

اسان جي پياري ' سنڌي '، هڪ قديم زبان آهي ..... موجوده يورپ جي متمدن ٻولين کان ٻہ آڳاٽي آهي. اُهي اڃا وجود ۾ ئي نہ آيون هيون، ۽ اُڙدوءَ جو تہ اڃا اير پير بہ معلوم ڪونہ هو، تہ سنڌي زبان هڪ پاڪيزي نموني ۾ ڳالهائڻ ۽ لِکڻ ۾ ايندي هئي. جهرجهنگ ۾ انڌ جا اهل الله سنڌي بيت ۽ دوهرا جهونگاريندا هئا. انهن ۾ ايترو سوز ۽ ساز هوندو هو، جو ٻڌندڙ محو حيرت ٿي ويندا هئا: ۽ ڪيترائي ڪيفي، ڪباب ٿي، جان فدا ڪندا هئا. چا، مخدوم احمد پٽيءَ هڪ سماع جو بيت ٻُڌندي ساهہ نہ ڏنو؟ چا، هڪ سيلانيءَ، شاهہ لطيف جو هيٺيون بيت پڙهندي، پنهنجي حقيقي محبوب جي سِڪ ۾ پران نہ تياڳيا؟

هيڪلائي هيل، پوريندس پرينءَ ڏي،
آڏا ڏونگر لڪيون، سوريون سڄن سيل،
تہ ٻيلي آهن ٻيل، سُور پريان جا ساڻ مون!

انهن قرب جي وٿين ۾ اڃا بہ ماڪيءَ جهڙو مَڌُ آهي، ڪرو ڪو انهيءَ جي چاشني چَکي-

جي چَکين تہ چريو ٿئين، اِن ميخاني جو مَدُ!

ڪي سطحي ماڻهو چوندا آهن تہ سنڌي هڪڙي ٺَلهي ۽ سَڪٽي زبان آهي، ۽ منجهس ادب بلڪل ٿورو آهي – خصوصًا اسان جا حريف ۽ اڙدوءَ جا دلدادا اهڙي دعوا وڏيءَ هام سان ڪندا آهن – پر اِها سندن عظيم غلطي آهي .... سِنڌي ادب بابت هيترو چوڻ ڪافي آهي تہ جڏهن انگريزن هندوستان ۾ پير پاتو، تڏهن ڪنهن بہ ڏيهي ٻوليءَ ۾ ايترو علم ادب ڪونہ هو، جيترو سنڌيءَ ۾ موجود هو..... مطلب تہ سنڌيءَ ۾ هر ڪنهن قسم جي صلاحيت رکيل آهي، جا ڪيس دنيا جي ادبي ٻولين ۽ ڪَرُ ڪٽائي سگهي ٿي. شعر جو تہ [اسان وٽ] ڪاٽو ئي ڪونهي! ساري مُلڪ ۾ پکڙيو پيو آهي ....[هيءُ] سڄو نظمي ادب باطراوت، ورجيسن سان پريل، طبعزاد، جڄهو، لفظن توڙي عبارتن ۾ گوناگون، ۽ ساڳئي وقت سادو

۾ فطرتي آهي .... [تحقيق اسان جي] ' سنڌي '، هڪ تونگر زبان آهي .... منجهس هڪ عاليشان همہ گير ادب جون سيئي صلاحيتون موجود آهن. ڇا، **اهڙيءَ ٻوليءَ کي سنڌي پنهنجي هٿان وڃائيندا**.....

پائرو، اوهان ۾ غيرت آهي، تہ اُٿو – پنهنجي اباڻي ورثي جي سنڀال ڪريو! جا ٻولي مخدوم عبدالحسن، مخدوم محمد هاشم، سيد عبداللطيف، بزرگ گروهڙيءَ ۾ ٻين عاليشان هستين جي هنج ۾ پَلي آهي، ۾ جيڪا لفظن ۾ اصطلاحن ۾ ٻين ڪلامي خوبين جي ڪري ڪنهن بہ ٻوليءَ کان گهٽ نہ پر گهٽو بلند ۾ بالا آهي، تنهن کي اوهين نڌڻڪو ڇڏي ڏيندا؟ جنهن قوم کي پنهنجو ' ادب ' نہ آهي، سان اڄ ڪنهن بہ قطار ۾ نہ آهي: جيڪڏهن اوهان پنهنجو سارو ادب وساريو، تہ ڌوٻيءَ جي ڪُتي وانگر نہ گهر جا ٿيندا، نہ گهاٽ جا! اکيون پَٽيو، جاڳو، پنهنجو ورثو سنڀاليو، - نہ تہ سُتت اوهان کي پڇتاءَ جون تريون مهٽيون پونديون!

[ ”الوحد“ جو آزادي نمبر، 14 آگسٽ، 1949ع ]

(2)

# سنڌي ٻولي – ان جي بقا، بچاءُ

*****

علامه آءِ. آءِ. قاضي

هن کان اڳ مون برادرانِ وطن جي آڏو هن نڪُتي کي بار بار پئي دهرايو آهي ته هر ٻيءَ شيءِ وانگر ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌارو فطرت جي قانونن مطابق عمل ۾ اچي ٿو، ۽ اُن جي تباهي به قانونِ فطرت مطابق آهي. اِن حقيقت لاءِ جيڪڏهن ڪنهن ثابتيءَ جي ضرورت آهي، ته پوءِ قرآن حڪيم جا هي الفاظ هڪ قطعي ثبوت سمجهڻ گهرجن:

"لِڪُل قوم اجلُ – اِذا جاء اَجَلهُم لاَ يَستَاخرون سَاعَة وَلا يَستقدمُونَ."

(هر ڪنهن قوم لاءِ هڪ وقت مقرر آهي: جڏهن سندن اهو وقت اچي ٿو، تڏهن نڪي هڪ گهڙي دير ڪن ٿيون، نڪي جلدي.)

هر شيءِ جي بقا جو دارومدار اُن جي صلاحيت ۽ صالحيت تي آهي. يعني ته هن ڳالهه تي آهي، ته اُن ۾ زندگي پيدا ڪندڙ عمل باقي ڪيتري قدر وجي بچيو آهي. ڪنهن به شيءِ ۾ جيڪڏهن تخليق جي قوت باقي نه رهي آهي، ته اُها زنده رهي نٿي سگهي. بس، يا واڌارو آهي يا موت.

زبان جو مسئلو سماجي شعور تي بَدل آهي. ظاهر آهي ته جيستائين هڪ کان زياده ماڻهو نه هوندا، تيستائين گفتگو واري ٻولي پيدا ٿي ڪانه سگهندي. ٻين لفظن ۾ ٻوليءَ جي اُسرڻ لاءِ سماج جو هجڻ ضروري آهي، فقط هڪ ماڻهوءَ جي وَس کان هيءَ ڳالهه ٻاهر آهي. انسان فطري طور 'سماجي' آهي، جو ته بغير سماجي اجتماع جي، هو " انسان " بڻجي نٿو سگهي. بقول قرآن حڪيم، " خلق لا انسانَ علَم البيان ". اجتماعي زندگيءَ جي هيءَ فطري تقاضا آهي ته انسان کي بيان جي قوت هجي، جاڪاڻ ته تبادله خيالات هڪ لازمي ضرورت آهي. اِنهيءَ ڪري ئي قوم جي اجتمائي زندگي ٻوليءَ کي تشڪيل ڏئي ٿي، يا ان کي ترقي وٺائي ٿي، ۽ اُن کي باقي رکي ٿي. جيڪڏهن اِهي ضرورتون باقي نٿيون رهن، ته ٻوليءَ جو باقي رهڻ به بي معنيٰ آهي.

سنڌي ٻوليءَ کي بهترين ماحول هوندي به گهٽ ۾ پنج هزار ورهيه ٺهڻ ۾ لڳا آهن. اُن جي تشڪيل ۽ ترقي هڪ اهڙي خطي ۾ ٿِي، جو اقتصادي لحاظ کان ٻاهر جو محتاج نه هو. هِتي جي زندگيءَ جون ضرورتون خود هِتي جي باشندن جي هٿان پوريون ٿي ٿيون. مثلاً، دنيا جا ڪي ڀاڱا ڪپهه پيدا ڪن ٿا، ڪي جانور پيدا ڪن ٿا، ته ڪي ڪڻڪ اُپائين ٿا، مگر سنڌ اُهي سڀئي اُپائي ٿي. اِنهيءَ ڪري قديم وقت کان وٺي اقتصادي طور سنڌ پنهنجو پاڻ مڪمل ۽ خود- ڪافي ڀاڱو ٿي رهي آهي. تقريبًا تيرهن سؤ سال اڳ، سنڌ کي تهذيب ۽ تمدن جو تڪميلي پيغام ٻاهران پهتو، جنهن کي هِن ملڪ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اُن کي اڳِتي وڌايو، ۽ اُن جو ڦل حاصل ڪيو. اِهو سڀ ڪجهه سنڌ اهڙيءَ ته خوش اسلوبيءَ سان ڪيو، جنهن جو مثال هِتي جو ڪو ٻيو صوبو پيش ئي نه ٿو ڪري سگهي. اُنهيءَ حاصلات جو نتيجو هڪ طرف ”لطيف“ ۽ سندس پيغام آهي ته ٻئي طرف سنڌي ٻوليءَ جا هزارين ڀهاڪا آهن، جن جي رمزن ۽ اشارن ۾ دانائي سمايل آهي، ۽ جي دنيا جي مهذب ترين ٻولين جي ڀهاڪن جي ڀيٽ ۾ هڪ امتيازي درجو رکن ٿا.

تقريبًا ڏيڍ سَؤ سال اڳ، سنڌي ٻولي توڙي سنڌ جا باشندا هر نُڪتي کان دنيا ۾ برک هئا. وڏي ۾ وڏا شاعر، عالم، گرامر جا ماهر ۽ لغت نويس هن ننڍڙيءَ اراضيءَ مان طلب ڪيا ويندا هئا. فقط پوئين ڏيڍ سَؤ سالن ۾ ئي، ڌارين جي غلاميءَ سبٻان، سنڌ جي ترقي ختم ٿي چڪي آهي. هاڻي اوهان جي همت ۽ حوصلي تي منحصر آهي، جو اوهين سنڌ جي زندگيءَ ۽ اجتماعي خوبين کي وري نئين سِر جياريو، ۽ سنڌ جي باشندن ۾ فِڪر، عمل ۽ مقصد جي وحدت ۽ يگانگي پيدا ڪريو، جو ته انهيءَ وحدت ۽ يگانگيءَ کان سواءِ ڪنهن به قوم يا ٻوليءَ جو اُسرڻ محال آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي بقا ۽ بچاءَ واسطي ٻين اڳيان هٿ ڊگهيرن حماقت آهي. ياڻرو، سنڌي ٻولي فقط ايستائين زنده رهي سگهي ٿي، جيستائين اوهين زنده آهيو، ۽ هڪ صحتمند زندگي گذاري رهيا آهيو. حقيقت ۾ سنڌ اڄ به اوهان جي طفيل زنده ناهي. مگر اُهي، جي به سَؤ سال اڳ جيئرا هئا، تن خاطر پيئي پساهه ڪٽي. سنڌ انهن جي نيڪين سبٻان ٽِڪي رهي آهي، ۽ نه اسان جي عملن ڪري. جڏهن اوهان پنهنجي شاندار ماضيءَ مان سبق حاصل ڪرڻ ڇڏي ڏيندا، ۽ پنهنجي فڪر ۽ قوت تخليق ذريعي نون خيالن پيدا ڪرڻ جي بدران محض جامد جسم بڻجي ويندا، تڏهن قانون فطرت مطابق، نه توهين رهندا، نه توهان جي ٻولي! ڪوبه سياستدان يا داناءُ اُنهيءَ حالت ۾ اوهان کي جياري نه سگهندو، ۽ پڻ ازلي آواز صدا ڏيندو ته ”ظالم قوم کي پري ڪيو وڃي.“

”فبعداللقوم الظالمين“

# شال ڏٽي اهڙو ڪو ڏينهن نہ ڏيکاري — آمين

[16 سنڌي ادبي ڪانفرنس، لاڙڪاڻي، ڏانهن پيغام: ” سماهي مهراڻ “ — 2، 1956ع]

# (3)

# سنڌي ٻولي، اَمٽ ٻولي

*****

مولانا دين محمد وفائي

سنڌي ٻولي، پنهنجي جهونائيءَ ۽ آڳاٽي هجڻ ڪري، پنهنجي مٽي هڪ اَمٽ ٻولي آهي، جنهن جي پاسي ۾ هندوستان ۽ پاڪستان جي ڪا ٻه ٻولي نٽي بيهي سگهي. عربي مسلمانن جي ڪاهن کان اڳ سنڌي زبان جو ڪهڙو روپ هو ۽ اُها ڪيئن ڳالهائي ويندي هئي، اُن جي کوجنا ڪرڻ ۽ اُپٽار ۾ وجڻ ڪنهن ٻيءَ صحبت تي اچلائي، هت هي ڏيکارڻو آهي تہ **هاڻوڪي** سنڌي جا ڳالهائي ٻولهائي وڃي ٿي، تنهن جي ڄمار بہ هڪ هزار ورهين کان وڌيڪ آهي. پوءِ ڪٽي ان ۾ وقتن ۽ حالتن جي اير ڦير ڪري ڪجھ ڦيرو گهيرو آيو بہ هجي. عربن جي ڪاهن ۽ اُن کان پوءِ غزنوي ۽ مغلن جي راڄن ۾ سنڌيءَ ڪي عربي ۽ فارسي لفظ بہ جهٽي ورتا مگر ان هوندي بہ سنڌيءَ جو خزانو، پنهنجي جهونائيءَ ۽ قدامت جي ڪري، ڪو اهڙو ڪُٺل ڪونہ هو، جهڙو هاڻي اسان جا ڪي "خيرخواهہ" سمجهي وينا آهن.....

ترڪيءَ 1918ع ۾ انقلاب کان پوءِ، ترڪي ٻوليءَ جي سڌاري لاءِ جيڪو ڪم هٿ ۾ ڪنيو تنهن ۾ سڀ کان پهريائين هنن ترڪي ٻوليءَ جي لغت جوڙائي. ان کان پوءِ ڏٺائون تہ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڌارين زبانن جا ڪيترا لفظ آهن، ۽ انهن جي معنيٰ وارا لفظ اسان جي لغت ۾ لين ٿا يا نہ؟ ترڪيءَ ۾ ساڳيا هم معنيٰ لفظ ڪين ملندا رهيا، اهي قائم رکندي، باقي ڌارين ٻولين جا لفظ ڪڍندا ويا، پر جڏهن ڪين اهڙا لفظ نہ ملي سگهيا، تڏهن ساڳيا عربي ۽ فارسي لفظ اِئين جو اِئين قائم رکيائون. اِن ريت ترڪي ٻوليءَ کي سُوڌي، صفا ڪري، هڪ علمي زبان بڻائي ورتائون.

رضا شاهہ پهلويءَ جي راڄ ۾ فارسيءَ کي سُوڌڻ جي مهم شروع ڪئي وئي، تہ عربي يا ترڪي لفظن کي سُوڌڻ تي مجبور ٿيا. هن وقت "هنديءَ" جي سوڌ بہ ساڳيءَ صورت ۾ هندوستان وارا ڪري رهيا آهن.

سنڌي زبان جي سُوڌڻ لاءِ ٻہ ساڳي سڌريل قومن واري واٽ ورتي ويندي، تہ اُن ريت نہ فقط ٻوليءَ ۾ سڌارو ٿيندو، پر ايڏو وڏو واڌارو بہ ٿيندو، جهڙو ٻين جاندار قومن جون زندھ زبانون ڪري رهيون آهن....

[ ”سنڌ ۽ سنڌي زبان “- مهراڻ،

4 – 1962ع ]

(4)

# قومي زبان ۽ تعليمي زبان

*****

عثمان علي انصاري

ڪنهن بہ ملڪ جي **”قومي زبان“** جي تعين جو حق اُنهيءَ ملڪ جي سياسي مدبرن، يعني حڪومت هلائڻ وارن، کي هوندو آهي، ۽ هجڻ بہ گهرجي. پوءِ اُهي سياستدان اُنهيءَ مسئلي جا سمورا پهلو اڳيان رکي، عوام جي عام فهم زبان کي قومي زبان قبول ڪندا آهن، ۽ رفتي رفتي اُنهيءَ قبول ڪيل زبان کي غير محسوس طريقن سان وڌائيندا ۽ مالامال ڪندا ويندا آهن. ليڪن **”تعليم جي زبان“** جو تعين ڪرڻ فقط 'تعليم' جو حق آهي: يعني تہ تعليم جي ماهرن جيڪو عام حُڪم تعليمي زبان جي باري ۾ ڪيو آهي، ان کي سياست يا حڪومت پُٺي نٿي ڏيئي سگهي، ۽ جيڪڏهن ڪن خاص مجبورين جي ڪري ڏيندي، تہ قوم جي تعليمي ترقيءَ جون اميدون هڪ خواب جي صورت اختيار ڪري منتشر ٿينديون وينديون. تعليم جي ماهرن جو ساريءَ دنيا جي تعليمي زبان لاءِ هڪ ئي حڪم آهي. ڪهڙو؟ تہ ' ٻار کي تعليم فقط اُنهيءَ زبان ۾ ڏني وڃي، جا اُنهيءَ ٻار جي نيم شعوري زبان آهي '- يعني تہ اُها زبان، جنهن ۾ ٻار خواب لهندو آهي — اُها زبان جا بي اختياريءَ جي حالت ۾ سندس منهن مان نڪري: ڇو تہ اهڙيءَ زبان جي ڳالهائڻ يا سمجهڻ ۾ ٻار جي ذهني قوتن تي بار نہ پوندو؛ اهڙيءَ زبان ۾ ڪنهن ماستر يا ڪنهن بزرگ جِي سمجهاڻي بنان ڪنهن تڪليف جي سمجهي سگهندو؛ ڪنهن بہ مشڪل مسئلي کي، جو اهڙي زبان ۾ لکيل هوندو، ٻار تمام ٿوريءَ ذهني ڪاوش سان ذهن نشين ڪري سگهندو. پر جي تعليم جي زبان سندس خواب جي زبان نہ آهي، ۽ ڀي ڪهڙي بہ دنيا جي بهترين زبان آهي، تہ سندس ذهني تازگيءَ جو تمام وڏو حصو فقط انهيءَ زبان جي سمجهڻ ۾ خرچ ٿي ويندو، ۽ معلومات جو نُور سندس ذهن ۾ داخل نہ ٿي سگهندو. اهو آهي ”تعليمي زبان“ بابت 'تعليم' جو نظريو، جو بلڪل حتمي ۽ آخرين نظريو آهي، جنهن ۾ ڪابہ ردبدل نٿي ٿي سگهي. نيم شعوري زبان جي پڑهيل کي ' تعليم يافتہ 'چئبو آهي؛ ۽ ٻين کي '

تعليم زده ' چوڻ گھرجي، توڻي جو انهن بي. اي يا ايم. اي جي ڊگريءَ ۾ پنهنجي صحت جو نذرانو ڏيئي هٿ ڪئي هجي.

نيم شعوري زبان ڪهڙيءَ طرح سِکبي آهي، ڪڏهن سِکبي آهي، ۽ ڪنهن کان سِکبي آهي: انهن سوالن جا جواب ٻه تعليم جي نظرين مطابق هجڻ گهرجن، ڇوته نيم شعوري زبان ڪي دنيا جي ' تعليم جي بنيادي زبان ' قبول ڪيو ويو آهي.

هاڻي پهرين سوال جو جواب آهي ته اُها زبان غير شعوري طرح ٻار سِکندا رهندا آهن؛ نه پاڻ سِکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ۽ نه ڪو ٻيو ڪين سيکارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

ٻيو سوال آهي ته اُها زبان ٻار ڪڏهن سِکندا آهن؟ تعليم جو جواب آهي ته اُن وقت سِکندا آهن، جڏهن ڪين ڪابه زبان ڪانه ايندي آهي: يعني ته بلڪل صاف سليٽ تي، جا پهرين زبان پنهنجا نشان ڇڏيندي ايندي، ۽ ٻار بنا ڪنهن ڪوشش جي اُنهن نشانن ڪي غير شعوري طور قبول ڪندو ايندو آهي. هيءَ ته هڪ قبول ڪيل حقيقت آهي ته خوراڪ کان پوءِ ٻئي نمبر ۾ هڪ ٻار جي وندر جو سامان آواز ۾ ٿيندو آهي. هڪ روئندڙ ٻار ڪي پرچائڻ جا قدرت ٻه طريقا هر هڪ ماءُ ڪي سيکاريا آهن: هڪ ٿڃ ڏيڻ، ۽ ٻيو ڪنهن ٻه قسم جو آواز ڪرڻ – مثلاً، يا ته جهِنجهِڻ جو، يا ڪنهن شيءِ تي ٺڪ ٺڪ ڪرڻ، ۽ يا ٻار سان ڳالهائڻ جو. اهو وقت آهي، جڏهن ٻار غير شعوري طرح سان  ڪا زبان سِکندو ٿو رهي، ۽ ماءُ زبان سيکارڻ جي ڪوشش کان سواءِ فقط ٻار ڪي پرچائڻ يا مامتا جي محبت وندڻ جي ڪوشش ۾ ٻار ڪي زبان سيکاريندي ٿي رهي. تعليم جي ماهرن جو چوڻ آهي ته ڪوبه انسان پنهنجي خوشيءَ سان ۽ قدرتي طرح فقط اهڙي زبان سِکندو آهي، جا اُن وقت سندس ذهن تي پنهنجا نقش ڇڏيندي، جڏهن سندس ٻاراڻي ذهن تي ٻيو ڪوبه نقش موجود نه هوندو؛ باقي ٻيون سڀ زبانون زماني جون مجبوريون ڪيس سِکڻ تي مجبور ڪنديون آهن، ۽ اهڙي مجبوريءَ جي موچڙن سان سِکيل زبانن ۾ ڪو ٻه انسان ماهر ٿي ڪين سگهندو آهي، ۽ نه اُنهن زبانن ۾ هٿ ڪيل علم ڪيس ' تعليم يافته ' سڏائڻ جو حقدار بڻائي ٿو سگهي. جي اوهان کي اِهو نظريو مشڪوڪ ٿو نظر اچي ، ته پنهنجيءَ ڄاڻ سڃاڻ وارن مان ڪنهن ٻه هڪ کي نظر ۾ رکي، پاڻ منصف ٿي، پاڻ کي ٻڌايو ته اُنهيءَ شخص کي اوهين ڪنهن ٻاهرينءَ زبان ۾ ماهر سمجهو ٿا؟ اسان مان هزارين شخص انگريزيءَ ۾ تعليم وٺي پنهنجن ڪمن ۾ ماهر ٿيا آهن، وڪيل ٿيا آهن، انجنير ٿيا آهن، ۽ خدا معلوم ٻيو ڇا ڇا ٿيا آهن، پر ڇاڪاڻ ته اهو ڊاڪٽريءَ جو يا وڪالت جو يا انجنيري جو علم هڪ

اهڙيءَ زبان ۾ پِرايو اٿن، جا زبان مجبوريءَ هيٺ سِکي اٿن، تنهنڪري نہ منجهن تخليقي قوتون پيدا ٿي سگهيون، نہ ڪين جدت جي واٽ مِلي: پٽائيءَ جي لفظن ۾ ڪٽي چٽجي تہ ” مجبوريءَ مري ويا، ماهر ٿي نہ مُئا“. پري نہ وڃو، پنهنجي ڪنهن وڏي ڪان وڏي ڊاڪٽر جي لياقتن جي ڀيٽ ڪنهن انگريز ڊاڪٽر سان ڪري ڏسو، اوهان کي هڪ نمايان فرق نظر ايندو. اُهو فرق اِن ڪري نہ آهي تہ اسان جا جوان ڪنهن بہ علم پرائڻ ۾ انگريز جوانن ڪان ذهني قوتن ۾ گهٽ آهن؛ پر اُهو فرق هن ڪري آهي تہ اسان جا جوان اُهو علم هڪ اهڙي زبان ۾ ٿا حاصل ڪن، جنهن زبان جي سمجهڻ ۾ ڪين پنهنجي سموري ذهني تازگي خرچ ڪرڻي ٿي پوي، ۽ معلومات کي سمجهڻ لاءِ سندن دماغ ۾ باقي بلڪل ٿوري قوت وڃي ٿي بچي.

ٿيون سوال آهي تہ نيم شعوري زبان اسان جا ٻار ڪنهن ڪان سِکندا آهن؟ اِنهيءَ جو ڪجھ جواب تہ ٻئي سوال جي جواب ۾ اچي چڪو آهي، باقي هيٺ ٿو ڏجي. ڪوبہ ٻار اُها نيم شعوري ۽ بنيادي زبان اسڪول ۾ ڪونہ سِکندو آهي، چوتہ اسڪول ۾ داخل ٿيڻ واريءَ عمر ڪان اڳ هر هڪ ٻار اندازًا 850 لفظ پنهنجيءَ زبان جا سِکي پوءِ اسڪول ۾ داخل ٿي سگهندو آهي ( اُهو عرصو ڪن ملڪن ۾ 5، ڪن ۾ 6، ۽ ڪن ۾ 7 سال آهي). تنهنڪري، تعليم جي ماهرن جو چوڻ آهي تہ اُها نيم شعوري زبان هر هڪ ٻار گهر ۽ گهِٽيءَ ۾ سِکندو آهي. ' گهٽيءَ ' مان مراد آهي، راند ڪرڻ جي جاءِ.

مٿئين بحث ڪان پوءِ هيءُ قطعي فيصلو ٿي چڪو تہ هر اُنهيءَ سنڌي ٻار کي سنڌي زبان ۾ تعليم ڏيڻ گهرجي، جنهن جي گهر ۽ ماحول جي زبان سنڌي آهي، ۽ جنهن ٻار جو شعوري ۽ نيم شعوري (سجاڳي ۽ ننڊ) حالتن ۾ سنڌي زبان سان واسطو رهي ٿو، ۽ گهٽي ڪان گهٽو وقت اُها زبان ڳالهائيندو يا ٻڌندو ٿو رهي.

هينئر سوال ٿو پيدا ٿئي تہ سنڌي زبان ۾ ڪنهن معقول حد تائين تعليم ڏيڻ لاءِ ڪتاب ۽ معلم موجود آهن؟ ۽ سنڌي زبان ۾ ٽيڪنيڪل تعليم ڏيڻ جون صلاحيتون موجود آهن، يا موجود ٿي سگهن ٿيون؟ جواب سڀني سوالن جا بلڪل صاف آهن. ڪجھ ڪتاب آهن، ۽ ڪجھ جا باقي تيار ٿي سگهن ٿا، بشرطيڪ مصنفن جو ارادو پختو هجي، ۽ حڪومت جون همدرديون ساڻ هجن. مثلاً، انهيءَ ساڳيءَ سنڌي زبان ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ بي. اي تائين ڪورس تيار ڪرايا هئا، ۽ انهيءَ وقت جي سنڌ گورنمينٽ سڀ قانون جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرايا هئا. سائنس ۽ حسابن جا ڪتاب تہ اڄ تائين موجود آهن. فلسفي ۽ سائيڪالاجيءَ جا ڪتاب پڻ موجود آهن. انهن ڪان وڌيڪ ڪتاب، ضرورت آهر

تيار ٿي سگهندا. مطلب ته سنڌي زبان ۾ سيني تعليمي مضمونن تي ڪتاب لکڻ يا ترجمن ڪرڻ جون صلاحيتون موجود آهن. معلم به ابتدائي ۽ ثانوي حدن تائين موجود آهن، ۽ وڌيڪ تيار ٿي سگهندا، جيڪڏهن حڪومت فقط هن هڪ ڳالهه تي همدرديءَ سان غور ڪري ته سنڌ ۾ به فطري لياقت موجود آهي، ۽ سنڌي به قوم جي تعمير ۾ برابر جي حصي وٺڻ جا اهل ثابت ٿي سگهن ٿا.

خيال فرمايو ته جنهن ٻار جي نيم شعوري زبان اردو آهي، ۽ ڪيس تعليم به اُنهيءَ زبان ۾ ملي ٿي، اهڙي ' تعليم يافته ' جي پيٽ ۾ هڪ سنڌي ڪيئن اچي سگهندو، جنهن جي نيم شعوري زبان ته آهي سنڌي، ۽ اعليٰ تعليم لاءِ اردو، بنگالي يا انگريزي پڙهي ٿو نڪري؟ نه سندس معلومات مڪمل هوندي، نه زبان، ۽ نه وري سندس تندرستي نيڪ هوندي؛ ڇو ته ٿئين درجي ابتدائيءَ کان پنهنجيءَ زبان سان سندس تعلق گهٽبو ويندو، ۽ پڄاڻيءَ جي فرمودي موجب –

” ڏُريان ئي ڏار، جي وڍي وڻ جدا ڪِئا،

تن سُڪن ڪيهي سار، ته ڪي اُنا مينهن ملير ۾!“

اُنهيءَ ٻار کي نه پنهنجيءَ زبان سان پيار رهندو، نه پنهنجيءَ زبان جي جواهر پارن جي ڄاڻ هوندي. هوڏانهن، هڪ مجبوريءَ جي حالت ۾ حاصل ڪيل زبان، ماشا ئي ڦيرائي ڦٽا ڪيا هوندس: ويهن – ٻاويهن ورهين جي ڄمار ۾ اکين تي سٺ سالن جي پوڙهن وارا چشما لڳا پيا هوندس، ۽ لغڙيءَ جهڙو بدن، ٽيٽيهر جهڙين ٽنگن ڪي ڪنيون پيو هلندو. جڏهن به ڪنهن نوڪريءَ لاءِ ويندو، ته بالا آفيسر ڪيس ڏسي متعدي خطرو محسوس ڪندو ته متان منجهانئس سِلهه نه ٿي پوي! - ۽ ”جاءِ خالي ڪونهي“ جو جواب وٺي، گهر جو پنڌ وٺيندو. فوجي ڀرتيءَ لاءِ ويندو ته اتان ڪُتو جواب ملندس، ڇو ته اتي به ڪمزورن ۽ اپاهجن جي جاءِ ڪانهي. باقي رهيون پٽيواليون، سي به يا نصيب! هَرَ ڪاهڻ جي همت، يا ڪنهن ٻئي بدني پورهئي جي قوت، ' قومي زبان ' جي حوالي ڪيائين؛ نوڪريءَ کان جواب، ته باقي رهيو پِنڻُ يا لَنگهڻ! سنڌ پاڪستان جو عضوو آهي، ۽ سنڌي فطرتًا وفادار گروهه جا فرد آهن. پاڪستان سٺ لک سنڌين کي پنهنجي اعليٰ خدمتن کان پري نٿو رکي سگهي. تنهنڪري، هڪ تعليم جي ماهر جي حيثيت ۾، منهنجو پاڪستان سرڪار کي عرض آهي ته ملڪ جي جانثار سنڌين جي تعليم تي وڌيڪ توجهه ڏيئي، اُنهن جي فطري صلاحيتن ۽ خدمتن مان پاڪستان جي ترقيءَ جو ڪم ورتو وڃي. اهو سڀ ڪجهه تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهندو، جڏهن سيني پاڪستانين کي سندن نيم شعوري زبان ۾ مڪمل تعليم ملندي. پر،

جيڪڏهن ڪن سياسي مصلحتن موجب اِئين نٿو ٿي سگهي، ته حڪومت قانون پاس ڪري ڇڏي ته ڪابه ماءُ پنهنجي ٻار سان نه سنڌيءَ ۾ ڳالهائي، نه پشتو ۾، نه بلوچيءَ ۾.... يا اڙدوءَ ۾ ڳالهائي، يا بنگاليءَ ۾، يا انگريزيءَ ۾! پاڪستان جي ' تعليمي ماهرن ' جيڪا رپورٽ تازو ڇپرائي پڌري ڪئي آهي، تنهن موجب علاقائي زبانون تعليم جي ميدان ۾ به پنتي اچلايون ويون آهن، ۽ نسبتًا ' قومي زبان ' ۽ انگريزيءَ زبان کي نهايت گهڻي اهميت ڏني ويئي آهي. اها اهميت سياسي پهلوءَ کان ڏسڻ وارن کي شايد نهايت شاندار نظر ايندي هجي، پر ٻارن جي بدني ۽ ذهني ترقيءَ جي نقطہ نظر سان ڏسڻ وارن کي اهڙي روش نٿي ڏيکارجي – بلڪ سمجهجي ٿو ته ڪجهه وقت کان پوءِ اسان جي مدبرن کي اِنهيءَ فيصلي تي مجبورًا نظرثاني ڪرڻي پوندي.

اسان کي پنجابي، پشتو يا بلوچي زبانن جي صلاحيتن جي، يا سندن موجوده علمي ۽ ادبي ذخيرن جي پوري پوري ڄاڻ نه آهي، ۽ نه وري اسان کي اها به خبر آهي ته انهن علائقن جي ٻارن جو اڙدو، بنگالي ۽ انگريزي زبانن سان، اسڪول کان ٻاهر ڪيترو ۽ ڪهڙو واسطو ٿو رهي: البت سنڌي زبان لاءِ اسين بنا هٻڪ جي چئي سگهون ٿا ته اسان جي زبان ۾ هر هڪ تعليمي مضمون تي ڪتاب موجود آهن، اسان وٽ پنهنجو ادب آهي، اسان جي زبان هر هڪ موضوع تي هڪ معقول حد تائين خيالن جي اظهار ڪرڻ جي اهل به آهي، ۽ وڏي ڳالهه ته اسان جي زبان ۾ ڪنهن ٻيءَ زبان مان لفظن يا محاورن کي پنهنجو گوديار ٻار ڪري قبول ڪرڻ جي لياقت به آهي. خبر نٿي پوي ته اڌ ڪروڙ انسانن جي اهڙيءَ نيم شعوري زبان کي اسان جي مدبرن ڇو نظرانداز ڪيو آهي! ڇا پاڪستان کي سنڌين مان ڪنهن جي به خدمت جي ضرورت نه آهي؟ پاڪستان جي تعليمي ماهرن کي هيءَ ته ضرور ڄاڻ هوندي ته سنڌي ٻارن جي ڇوويهن ڪلاڪن جي زبان سنڌي آهي. جي اِئين آهي، ته اسين پڇڻ ٿا گهرون ته ڪهڙي تعليمي نظريي هيٺ اسان جن ٻارن کي سندن فطري زبان ۾ مڪمل تعليم ملڻ کان محروم ڪيو ٿو وڃي؟

”ترڪِ سبب ز روي شريعت ڪجا رواست؟“

ڪنهن ٿولي جي تعليمي زبان مقرر ڪرڻ لاءِ اسين ٻيو به هڪ تعليمي نظريو پيش ٿا ڪريون، جو پڻ نيم شعوري زبان جو حق ثابت ڪري ٿو. ڪنهن به اسڪول يا ڪاليج جي ڪنهن به ڪلاس ۾ جڏهن ڪو ماستر صاحب يا پروفيسر صاحب سبق پاڙهي يا ليڪچر ڪري رهيو آهي، ۽ سندس زبان به شاگردن يا ٻڌندڙن جي ماحول جي زبان هوندي آهي ته به ٻڌندڙ انهيءَ ليڪچر جو فقط 33 سيڪڙو سمجهي ۽ قبول ڪري سگهندا آهن،

چو تہ ڳالهائڻ واري جي گفتگوءَ ٻڌندڙن جي فهم جي رفتار ۾ فرق ٿيندو آهي؛ پر جيڪڏهن ليڪچر واري جي زبان ٻڌندڙن جي ماحول جي زبان کان ڪا علحده زبان آهي، يعني سنڌي ٻڌندڙن جي اڳيان جيڪڏهن اڙدو يا انگريزيءَ ۾ ڪجهہ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪبي، تہ فقط 8 سيڪڙو سندن دماغ ۾ رهي سگهندو، سو بہ تڏهن، جڏهن ڪين اڙدو يا انگريزي زبان ايندي هوندي، ۽ سندس فهم (Intelligence quotient) اوسطًا هڪ سؤ جي قريب هوندو. اِنهيءَ جو صاف مطلب هيءُ نڪتو تہ سنڌين کي سنڌيءَ ۾ جيڪڏهن ڪو تعليمي مضمون پاڙهبو، تہ 33 سيڪڙو سندن دماغ ۾ ويهندو؛ باقي ٻيءَ ڪنهن بہ زبان ۾ فقط 8 سيڪڙو. پوئينءَ حالت ۾ ماستر صاحب يا پروفيسر صاحب جو 92 سيڪڙو پورهيو ئي پاڻيءَ ۾، تہ شاگردن جو ڏينهن ڪريو. اهڙيءَ طرح، جي ناقص تعليم وٺي ۽ پنهنجي تندرستي وڃائي، جڏهن اسان جا نوجوان اچي گرئجوئيٽ ٿيا، تہ آخر ۾ وري بہ پاڪستان کي ڇيهو رسيو؛ چو تہ ' مجبورن ' جا ٽولن جا ٽولا نڪرندا آيا، جي هوند ٻيءَ صورت ۾ ماهر ٿي ٻاهر نڪرن ها. پوءِ چو ڪين اجائي هٺ ڌرمي ختم ڪري، پنهنجي ٻارن کي سندن ' نيم شعوري زبان ' ۾ تعليم ڏيئي، پاڪستان لاءِ جاننا خدمت ڪرڻ وارا پيدا ڪريون؟

هن وقت تائين اسان جي تعليمي ادارن جيڪي جنسون پيدا ڪيون آهن، تن مان اسان جا اڳوڻا ڌاريا حاڪم مطمئن هئا يا نہ، سا حقيقت هِن ڳالهہ مان ظاهر آهي تہ 1920ع تائين اسان جي بهترين هستين کي بہ ڪنهن جوابدار عهدي تي اچڻ جو شرف حاصل ڪين ٿيو هو. بعد ۾، ملڪ جي آزاديءَ ۽ پاڪستان پيدا ٿيڻ کان پوءِ، چاڪاڻ تہ ' ضرورت ايجاد جي ماءُ ٿيندي آهي '، اسان کي جيڪي ورثي ۾ مليا، تن کي ڪليڪٽريءَ کان وٺي گورنر جنرليءَ تائين ڪٽي وياسين، ۽ هِن مغالطي ۾ رهياسين تہ پنهنجا حاڪم اِجهي ٿا ملڪ ۾ کِير ۽ ماکيءَ جون نهرون وهائين. پر، واقعي جيڪي ڪجهہ ٿيو، سو پاڻُ اتي ڪائڻ وارن کان ڳُجهو نہ آهي. ڪن جزوي هستين کي ڇڏي (مستثنيات جو هئڻ ڪُليي کي ثابت ڪندو آهي)، باقي جي لاءِ هِن چوڻ ۾ اسين حق بجانب آهيون تہ اهو سمورو ' خستِ اول ' جو ڪرشمو هو، جنهن بنياد کان چوٿيءَ تائين عمارت کي ڏِنگو رکيو.

ڌارين حاڪمن، جن اسان تي هيءُ موجوده تعليم جو سرشتو مڙهيو هو، تن تي ڏوهہ نٿو رکي سگهجي، چو تہ اُنهن اُهو تعليم جو سرشتو هڪ خاص منصوبي تحت سِٽيو هو. اُهو سرشتو لارڊ ميڪاليءَ جاري ڪرايو، ۽ ماستر صاحبن کي ڪليل حُڪم ڏنو هئائين تہ ' جي حضوري ' (Courtiers) قسم جا تعليم يافتہ پيدا ڪريو، جي حاڪمن جي اڳيان ڌرڙن جو ڪم ڏين. ظاهر آهي تہ هو انهيءَ ڪم ۾ ڪامياب ٿيا ۽ دنيا ڏٺو تہ اسان ' بابُو ' پيدا ڪيا.

پر هينئر تہ حالتون نراليون آهن، اسان جن بزرگن کي اکيون کولڻ گهرجن. صوبائي تعصب جا مهٽا ڏيئي اسان کي خاموش تہ ڪري سگهبو، پر قوم جي ٻچن کي آخر ڪيستائين پنهنجين صلاحيتن وڌائڻ کان محروم رکي سگهبو؟ ساڍن ٽن ڪروڙ پاڪستانين جي مشترڪ ذهني سرمايي مان پورو پورو فائدو نہ وٺڻ، قوم کي ذهني ڏيوالي ۾ وجهڻ جي برابر ٿيندو. اپاهج ۽ نيم خواندا نہ ڪڏهن قوم کي مضبوط بڻائي سگهندا، ۽ نہ ملڪ جي خوشحاليءَ ۾ ڪو دل گهريو حصو وٺي سگهندا. تنهنڪري، سرڪار کي گهرجي تہ ملڪ جي تعليمي زبانن کي قومي زبانن کان علحدو وجود ڏئي، ۽ اُنهن جي مڪمل ترقيءَ جا وسيلا نهايت فراخدليءَ ۽ محبت سان مهيا ڪندي رهي — تان جو اسان جون علاقائي زبانون ٻين ترقي يافتہ ملڪن جي تعليمي زبانن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي پنهنجي جاءِ وٺي بيهن، ۽ اسين ڏارين جي ويٽن ٻُڏڻ کان ڇُٽون. هينئر اغيار اسان تي چٽرون ڪري رهيا آهن تہ پاڪستاني ٻارن جي 'گهر ۽ گهٽيءَ جي زبان 'هڪ آهي، تہ 'اسڪول ۽ ڪاليج جي زبان 'ٻي: سوچين هڪ زبان ۾، تہ پڙهن ٻيءَ زبان ۾، تفريح جي زبان ۾ ڪچهريون ڪن، ۽ مجبوريءَ جي زبان ۾ علم پرائين! 'تعليم 'تي چوي تہ **"ٻارن کي علم اهڙن ذريعن سان ڏيو، جو هو اسڪولي ڪم کي تفريح ڪري سمجهن، نہ عذاب "** - ۽ علم پرائڻ جو وڏي کان وڏو ذريعو زبان آهي.

"مُئيءَ جو وس واڪا، ٻُڏڻ ڪم ٻروچ جو!"

[ روزانہ 'مهراڻ '، ڪراچي، جو سالگرهہ نمبر — 1960ع ]

(5)

# سنڌي زبان ۾ ذريعي تعليم

*****

مولانا غلام محمد گرامي

سنڌي زبان نهايت قديم ۽ تاريخي زبان آهي. برصغير هند و پاڪ ۾ هن کان وڏيڪ جهوني زبان ٻي ڪانہ آهي. ڪن عالمن لکيو آهي تہ خود سنسڪرت بہ سنڌي زبان کان پوءِ پيدا ٿي آهي.

سنڌي زبان هڪ علمي ۽ سرمائيدار زبان آهي، جنهن ڪي پنهنجي لُغت آهي، ۽ اندازي طور منجهس 2 لک لفظ آهن. چيو وڃي ٿو تہ انگريزي زبان ۾ بہ 2 لک ڪن لفظ مس ٿيندا. اصطلاحات ۽ محاورات جو وڏو انداز انهن کان سواءِ آهي.

هن ٻوليءَ کي پنهنجو رسم الخط آهي، جنهن کي عربي – سنڌي رسم الخط چيو وڃي ٿو. اهو پوري اسلامي دنيا – ايران، مصر، افغانستان، بلوچ اراضي، ملايا، انڊونيشيا، ترڪي – جي ٻولين ۽ انهن جي رسم الخط کان تاريخي طور قديم رسم الخط آهي، جو خالص عربي رسم الخط تان ورتل آهي. ان جي مقابلي ۾ فارسي ۽ اُرڊو، پشتو ۽ بلوچي رسم الخط ۾ وڏو فرق آهي. فارسي نستعليق خط آهي، ۽ اُرڊو ان تان ورتل آهي. گويا پوري دنيا ۾، عربي رسم الخط وانگر، محفوظ ۽ علمي رسم الخط فقط سنڌي زبان جو رسم الخط آهي، جنهن ۾ هزارها ڪتاب ڇپجي چڪا آهن.

سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجو گرامر آهي، جو هر حيثيت سان مستقل ۽ سائنٽيفڪ آهي، جو سنسڪرت ۽ عربي صرف و نحو وانگر ڪامل بہ آهي، پر ڪِن حيثيتن سان انهن کان بہ وڌيڪ علمي ۽ فني آهي.

سنڌي زبان کي پنهنجي عظيم تاريخي حيثيت سان گڏ، رڳو ٻوليءَ جي وجود ۽ ان جي لساني تشڪيل، لغت جي ترتيب، صرف و نحو جي اصولن متعلق وڏو علمي ۽ تاريخي ذخيرو موجود آهي. سنڌيءَ کان سواءِ هندي، سنسڪرت، پارسي، انگريزي ۽ جرمن

ٻولين ۾ علم الالسنہ متعلق تمام گهڻا ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، جن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ادب ۽ لغت متعلق علمي طرح ڇنڊڇاڻ ڪيل آهي.

سنڌي زبان ذريعي تعليم رهندي آئي آهي. سنڌس ادبي ۽ شعري ذخيرو اگرچہ سمن جي راڄ ۾ پيدا ٿيو، پر ڪلهوڙن جي دور ۾ ٺٽي جي عالمن ۽ بزرگن سنڌي ٻوليءَ کي ديني تعليم لاءِ ذريعي تعليم ڪري استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. محمد هاشم ٺٽوي ۽ ابوالحسن ڏاهري، ملا معين، مخدوم صادق نقشبندي، مخدوم ضياءالدين، ۽ ان کان سواءِ ان دور ۾ پاٽ، ٻوبڪ، هالا، چوٽياريون، سيوهڻ، مٽياريءَ ۾ جي بہ مڪتب ۽ مدرسا هئا، تن ۾ ديني ڪتاب، عربي ۽ فارسيءَ سان گڏ، سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ پڙهايا ويندا هئا. ان کان پوءِ ميرن جي راڄ ۾ اگرچ سرڪاري زبان فارسي هئي، پر ذريعي تعليم وري بہ سنڌي ٻولي ئي رهندي آئي آهي. خود انگريزن جي دور ۾ بہ پوري صوبي جي تعليمي نظام لاءِ ذريعي تعليم سنڌي ٻوليءَ کي قبول ڪيو ويو، ۽ تصنيف ۽ تاليف لاءِ هندن ۽ مسلمانن هن ٻوليءَ ۾ ئي پنهنجا ڪتاب لکيا. اهڙيءَ زبان کي پنهنجي تاريخي ۽ تعليمي منصب ۽ حَق کان محروم ڪرڻ لاءِ ڪوبہ علمي ۽ تهذيبي دليل نظر نٿو اچي.

سنڌيءَ کي مادري زبان هئڻ جو پڻ حَق ۽ شرف حاصل آهي. صدين کان اها ٻولي هن مُلڪ جي ماڻهن جي مادري زبان رهندي آئي آهي؛ ۽ تعليمي نقطي نظر سان ماهرن جي اها راءِ آهي تہ اُها تعليم ئي ڪاگر ثابت ٿئي ٿي، جا ٻارن کي مادري زبان ۾ ڏني وڃي ٿي....

( مهراڻ، 4 — 1959ع
)

(6)

# لفظن جي اهميت

*****

سيد غلام مصطفيٰ شاهه

لفظن جي اهميت فقط انهن جي لغوي ۽ لساني معنيٰ ۾ نہ آهي. لفظن ۾ وڏي طاقت آهي. لفظن ۾ تاريخ آهي. لفظن ۾ جاگرافي آهي. لفظن ۾ روح آهي، ۽ ايمان آهي. لفظن ۾ فلسفو آهي ۽ سائنس آهي. لفظن ۾ جوش آهي ۽ حِلم آهي. لفظن ۾ مناس آهي ۽ پرواز آهي. لفظن تان، ۽ انهن سان محبت رکڻ سان، ماڻهن ۽ قومن جانيون قربان ڪيون آهن. لفظ زندگيءَ جو راز آهن. زبان ڪي مصنوئي لفظن ۾ تصور ڪرڻ ظلم آهي. لفظن کي وسارڻ پنهنجي وجود کي وسارڻ آهي. لفظن سان محبت خودداريءَ جو باعث آهي. لفظن ۾ جنهن شخص لاءِ مقناطيسي اثر نہ رهيو، اُهو فضول آهي. زبان سان اجنبيت اختيار ڪرڻ آهي. لفظن ۾ حُب الوطني آهي.

[ ”سنڌ جو مستقبل ۽ سنڌ جا تعليمي مسئلا “، افتتاحي خطبو، ڪل سنڌ پرائمري ٽيچرس ڪانفرنس، حيدرآباد سنڌ، 24 — مئي، 1970ع ]

(7)

# سنڌي ٻولي – اُن جو ماضي، حال ۽ مستقبل

*****

## ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

.... انسان جي پيدائش جي اِها هڪ تقاضا آهي ته ڪيس پنهنجي خيالن جي بيان ڪرڻ جهي قوت هجي – يعني ته انسان کي ٻيءَ مخلوق جي ڀيٽ ۾ اهڙي هڪ مخصوص ٻولي هجي، جنهن ۾ هو مسلسل طور پنهنجي اندروني جذبات، احساسات ۽ خيالات کي بيان ڪري سگهي. مطلب ته انسان ذات جي هر گروهه جي ٻولي، ۽ اُن ۾ خيالات جو اظهار ڪرڻ، اهي ٻيئي هر گروهه جا پيدائشي حَق آهن. انسان ذات جي مختلف گروهن جي مختلف گروهن جي مختلف ٻولين جو وجود، ۽ انهن جي ساخت ۽ سِٽا، فطرت جو هڪ ايڏو وڏو معجزو آهي، جنهن تي لسانيات جا ماهر جيئن جيئن ٿا وڌيڪ ويچار ڪن، تيئن تيئن ٿا واهه واهه ڪن. فطرت جي سوانح نگار ۽ انسانيت جي علم بردار جلال الدين روميءَ فطرت جي هن معجزي کان متاثر ٿي چيو ته:

هر ڪسي را اصطلاحي داده ايم – هر ڪسي را سيرتي بنهاده ايم
هنديان را اصطلاح هند مدح – سنديان را اصطلاح سند مدح.

( يعني ته هر ڪنهن کي پنهنجي جدا ٻولي مليل آهي، ۽ هر ڪنهن جي هڪ جدا طرز زندگي آهي: هند وارن کي هند جي ٻولي جُڳائي، ۽ سنڌ وارن کي سنڌ جي ٻولي سونهي.) مطلب ته هر قوم کي پنهنجي هڪ نرالي ٻولي آهي، ۽ هڪ نرالو تمدن آهي: ۽ جيئن ته اُهي خصوصيتون قانونِ فطرت جي عين مطابق آهن، انهيءَ ڪري انهن جو احترام به لازمي آهي.

.... جيئن ته بحيثيت قومن جي [ يورپي قومن وٽ ] انصاف، احسان ۽ مساوات جا نظريا ناپيد هئا، ۽ سڄي راند طاقت جي هئي، انهيءَ ڪري جنهن قوم جي سياسي آزادي ختم هئي، اُن جي ٻوليءَ ۽ تمدن جي ڪشمڪش، لڳاتار جهيڙن ۽ جنگين، فسادن ۽ خونريزين جي تلخ تجربي بعد[انهن]

يورپي قومن ٻه آخر اهو سبق سِکيو ته جيئن قومن کي گهٽي وقت تائين غلام نٿو رکي سگهجي تيئن ملڪ جي اندر ڪنهن ٻوليءَ کي ٻه فنا نٿو ڪري سگهجي. هر هڪ ملڪ اندر ملڪي قوم جي مختلف گروهن پنهنجن ٻولين کي تسليم ڪرائڻ لاءِ جدوجهد ڪري، آئيني طور پنهنجي ٻولين کي تسليم ڪرايو....

مطلب ته ڪافي تلخ تجربي بعد، يورپي قومن پنهنجي سياسي شعور ۽ علمي ترقيءَ سان، هر ملڪ اندر ٻولين جي مسئلي کي جنهن طرح حَل ڪيو آهي، تنهن جو مختصر خاڪو هيءُ آهي: سئزرلئنڊ ۾ چار قومون آباد آهن ته ملڪ جون قومي توڙي سرڪاري زبانون ٻه چار تسليم ڪيون ويون آهن – يعني فرينچ، جرمن، اطالوي ۽ رومانچ؛ بيلجم ۾ ٻه قومون، ”فليمنگس“ ۽ ”ويلوس“ آباد آهن، ته ٻنهي جون زبانون قومي ۽ سرڪاري زبانون تسليم ٿيل آهن؛ ڪئناڊا ۾ فرينچ ۽ انگريز قومون آباد آهن، ته فرينچ توڙي انگريزي قومي ۽ سرڪاري زبانون تسليم ٿيل آهن؛ آئرلئنڊ ۾ انگريزي توڙي آئرش ٻيئي سرڪاري آهن؛ ناروي جي ملڪ ۾ يڪي ”نارويجن“ قوم آباد آهي، ۽ اصولي طور سڄيءَ قوم جي ٻولي ٻه ساڳي آهي، مگر زماني گذرڻ سان آهستي آهستي شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي ٻوليءَ ۾ فرق ٿي ويو، ۽ ”رڪس مال“ شهري زبان بڻجي ويئي ته ”لئنڊس مال“ ٻهراڙيءَ جي ٻولي. موجوده صورتحال هيءَ آهي ته هن ساڳئي ملڪ جي ساڳي قوم، پنهنجي ساڳيءَ ٻوليءَ جي ٻنهي محاورن کي قومي ۽ سرڪاري زبانون قرار ڏنو آهي، انهيءَ لاءِ ته ملڪ جي هر باشندي جي تسلي ٿئي، ۽ ملڪ جي ماڻهن ۾ ڪابه رِيس يا عداوت پيدا نه ٿئي.... انگريزن جي ملڪ ۾ اسان جي هڪ ضلعي جيتري اراضي آهي، جنهن کي ”ويلس“ سڏجي ٿو: اتي جي رهاڪن جي زبان ڪافي آڳاٽي وقت کان ”ويلش“ هئي؛ سياسي ۽ علمي تجربي بعد، انگريزن هن ننڍڙي ضلعي جي ننڍڙي ٻوليءَ کي محفوظ ڪرڻ ۽ ترقي ڏيارڻ ضروري سمجهيو. هن وقت انگريزن جي منسٽري آف ايڊيوڪيشن ۾ ”ويلش“ ٻوليءَ لاءِ هڪ جدا ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ ۽ جدا يونيورسٽي آهي، انهيءَ لاءِ ته هيءَ ٻولي زنده رهي ۽ ترقي ڪري. ويلس جي جملي اسڪولن توڙي ڪاليجن ۾ ”ويلش“ ٻولي پهريون نمبر مکيه زبان ڪري پڙهائي وڃي ٿي، ۽ خود انگريزيءَ کي اُتي ٻيءَ نمبر ٻوليءَ طور پڙهايو وڃي ٿو.

زبان متعلق يورپ جي انهن تلخ تاريخي تجربن کان متاثر ٿي، روس جي اندر ٻڪي حڪومت، جا 1917ع واري انقلاب بعد قائم ٿي، ان ساري ملڪ جي سورهن جدا جدا ياڱن جي ماڻهن جي زبانن کي قومي ۽ سرڪاري زبانون تسليم ڪري، پنهنجي ملڪ اندر ٻولين جي مسئلي کي هميشه لاءِ حل ڪري ڇڏيو....

هن وقت اسان جي آزاد ملڪ پاڪستان – جنهن کي ”اسلامي جمهوري رياست“ قرار ڏنو آهي – اُن ۾ ٻولين جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ، اسان وٽ شاندار اسلامي روايات موجود آهن، جن موجب اسان جي ملڪ جون مڙئي خطي وار ٻوليون سنڌي، بنگالي، ڪشميري، پشتو ۽ بلوچي قابل عزت ۽ احترام آهن، ڇاڪاڻ ته اُهي مڙيئي ٻوليون قرآني حقيقت ۽ حڪمت ” خلق الانسان علمه البيان“ جون آئينه دار آهن ....

[ صدارتي خطبو، سورنهين سنڌي ادبي ڪانفرنس، لاڙڪاڻو، اپريل 1956ع ]

**محمد ابراهيم جويو**

---------------------

(8)

**سنڌي ثقافت ۽ سنڌي ٻولي امر آهن** .... سنڌ، سنڌي قوم ۽ سندس ثقافت ۾ ڪي اهڙيون امتيازي خوبيون موجود آهن، جيڪي جيڪڏهن گُم ٿي وڃن، ته انهن جي پورائي يا تلافي ڪنهن ٻئي ملڪ، ڪنهن ٻي قوم ۽ ڪنهن ٻي ثقافت هٿان نه ٿي سگهندي .... جيسين اسان وٽ اهي امتيازي خصوصيتون موجود آهن، تيسين اسان جي سنڌ، اسان جي سنڌي ثقافت ۽ اسان جي سنڌي ٻولي قائم آهن .... پنهنجي ٻوليءَ ۽ ادب کي جيڪڏهن اسان پنهنجو ڪري سمجهيو، ۽ ان جي قسمت سان پنهنجون قسمتون ڳنڍيوسين، ته نه فقط اِن ڳالهه جو ڪو امڪان ڪونهي پر اِهو ڪو سوال ئي ڪونه ٿو اُٿي ته اُن کي ڪنهن قسم جو ڪو گزند پهچي سگهي ....

ادب، واندڪائيءَ جي وندر، ناموريءَ جو ذريعو ۽ پئسي پيدا ڪرڻ جو وسيلو به برابر آهي، پر اُن جو اصلي شان ڪنهن زياده اعليٰ ۽ پاڪيزه مقصد لاءِ مخصوص آهي. ادب ذريعي انسانن جي ذهن کي اڇو اجرو ۽ صاف ڪري سگهجي ٿو؛ ڪين صحيح سمجهه ۽ شعور سان روشناس ڪري سگهجي ٿو؛ سندن دلين ۾ هن عيبدار دنيا کي بدلائي، نئين سر ناهڻ جا جذبا ۽ اُمنگ، همتون ۽ ارادا پيدا ڪري سگهجن ٿا؛ منجهن علم جو احترام، سچ لاءِ محبت، ۽ حسن جي صحيح پرک پروڙ لاءِ گهربل جمالياتي حِس، ۽ انسان جي عظمت جو قدر ۽ احساس پيدا ڪري سگهجن ٿا. جيڪڏهن اديب ۽ ناشر، ادب جي انهن اعليٰ مقصدن کي خيال ۾ رکنداسون، ته يقيناً پنهنجي ادبي تخليقن ۽ مطبوعات کي سندن مڙني معنوي توڙي ظاهري وصفن سان پهرين سينگاري ناهي، مڪمل ڪري پوءِ ئي پنهنجن محترم پڙهندڙن اڳيان پيش ڪرڻ جي جرئت ڪري سگهنداسون. جڏهن پنهنجي پڙهندڙن لاءِ عزت ۽ محبت جو اظهار، انهيءَ صورت ۾ اسين ڪنداسون، تڏهن ئي هنن جي دلين ۾ اسان لاءِ محبت ۽ عزت جا جذبا پيدا ٿيندا؛ ۽ پوءِ اديب، ناشر، ۽ پڙهندڙ هڪ ئي گڏيل مقصد، يعني ٻوليءَ ۽ ادب جي تحفظ ۽ ترقيءَ، لاءِ مخصوص ڪري سگهندا ....

[ ”ون يونٽ، اديب، ناشر، ۽ پڙهندڙ“ – ”مهراڻ“، بهار، 1955ع ]

**ٻولي، آواز جو هڪ مهاساگر آهي**. اُن ۾ لفظن جي موتين جا ڀنڊار ڀريا پيا آهن. اديب ۽ ليکڪ اُهي سجاڻ ۽ ساڃاهه وارا غواص آهن، جيڪي هِن بحر بي پايان مان رڳو

املھ ۽ عين گھرج وارا موتي چونڊي ٻاهر تا آڻين، ۽ پوءِ اُنهن مان ويهي پنهنجي ادب جون مالهائون تا پوئين. لفظن جي اِها چونڊ ۽ جائيتي جڙت ئي آهي، جيڪا هڪ اديب جي عبارت کي امتياز ٿي بخشي. ياد رکڻ جهڙي ڳالھ آهي تہ ٻوليءَ جو هر لفظ پس منظر ۾ معنائن جي هڪ دنيا پاڻ وٽ رکي ٿو: ۽ جڏهن کو لفظ ڳالهائجي ٿو يا ٻُڌجي ٿو، تڏهن اُهو پنهنجي اُنهيءَ سموريءَ دنيا سميت اچي ٿو اسان جي سامهون بيهي.

لفظ جي اُنهيءَ دنيا کي جڏهن سمجهبو، تڏهن ئي اُن جو صحيح ۽ وزنائتو استعمال ڪري سگهبو. اهو ئي سبب آهي، جو دنيا جي مقبول عام اديبن هميشه ڌارين ٻولين جي غير ضروري لفظن، اصطلاحن ۽ ترڪيبن ۽ خود پنهنجي ٻولين جي ڳرن ۽ غير مانوس لفظن کي استعمال ڪرڻ کان انتهائي پرهيز پئي ڪئي آهي: ۽ اُن جي عيوض هنن هميشه ڏٺل وائنل، سنوان سِڌا، عام فهم ۽ سادا سودا لفظ پئي ڪم آندا آهن.....

[ ”لفظن جي چونڊ“ — ”مهراڻ“ سرءُ 1955ع ]

**قوم ۽ قومي ثقافت جي وجود جو دارومدار ٻوليءَ تي آهي**. پر اُها ٻولي جيڪا فقط گهرن جي چوديوارن ۾ يا رڳو زندگيءَ جي رواجي ۽ مختصر معاملن ۾ ئي ڪم ٿي اچي، ۽ قوم جي علمي ۽ ادبي ضرورتن ۽ قومي زندگيءَ جي ٻين اهم معاملن لاءِ ڪارگر نہ آهي، سا موجوده زماني ۾، قوم ۽ قومي ثقافت جي وجود جو ڪو پروسي جهڙو بنياد نٿي بڻجي سگهي. ظاهر آهي تہ سنڌي قوم ۽ سنڌي ثقافت کي بہ جيڪڏهن زنده رهڻو آهي، تہ اُن لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي پڻ زنده رهڻ گهرجي. نہ فقط زنده رهڻ، بلڪ کيس لازمي طرح هڪ اعليٰ علمي ۽ ادبي پڻ بڻجڻ گهرجي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ترقيءَ جا ممڪنات بي انداز موجود آهن: پر سندس گذريل صدها سالن جي تاريخ جا المناڪ داستان شاهد آهن تہ کيس پنهنجي فطري صلاحيتن کي فروغ ڏيڻ جا ڪڏهن بہ ڪي سازگار موقعا نصيب نہ ٿيا آهن. ڌاريان حاڪم سدائين هِن ڪوشش ۾ رُڌل رهيا تہ علمي ۽ ادبي رُتبو فقط سندن پنهنجين ”حاڪمانہ“ ٻولين لاءِ ئي مخصوص رهي: تنهن هوندي بہ سنڌي ٻولي نہ فقط پاڻ کي زنده رکيو، پر ايڏيءَ مڪمل ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ رهي ڪري بہ پاڻ وٽ هڪ اُهو عظيم ادبي سرمايو پيدا ڪيائين، جنهن لاءِ دنيا جي هر ڪا سُڌريل کان سڌريل ٻولي بہ مٿس رشڪ ڪري سگهي ٿي. تنهنڪري، هاڻي جڏهن چيو وڃي ٿو تہ سنڌي ۽ سنڌي قوم آزاد آهن، جيڪڏهن سنڌي

ٻوليءَ کي اُنهن مڙني بندشن کان آزاد نہ ڪيو ويو جيڪي ڌارين مٿس عائد ڪيون هيون، ۽ وڌڻ ويجهڻ جا اُهي سمورا موقعا جن کان ڪيس هيلتائين محروم رکيو ويو هو، ڪيس مهيا ڪري نہ ڏنا ويا، تہ پوءِ اُن کان وڌيڪ بدنصيبي سنڌ، سنڌي قوم ۽ سنڌي ثقافت لاءِ ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي!

اسان جا پوئين کان پويان "نئين روشنيءَ وارا" حاڪم، انگريز، پڻ اسان جي ٻوليءَ کي هڪ "ورنيڪيولر" يعني هڪ "غلامن جي ٻولي" سڏيندا رهيا: جنهن جو مطلب هيءُ هو تہ سندن سامهون اسان جي ٻولي هڪ اڻ سڌريل، ۽ علمي شان کان ڪريل ٻولي هئي. اِهو ئي سبب هو، جو ملڪ جي تعليمي سرشتي ۾، هنن پنهنجي "شاهانہ" ٻوليءَ جي پيٽ ۾ اسان جي ٻوليءَ کي اُها غير اهم جڳهہ ڏني، جو هوءَ، خاص طرح علمي ۽ ادبي دائري ۾، اسان لاءِ ڪنهن بہ ڪم جي نہ رهي، ۽ نتيجو هيءُ نڪتو، جو اسان جي ٻولي خود اسان جي نظرن ۾ ئي ڪري پيئي. پرائمري اسڪولن ۾ سو، پنهنجي مادري زبان جي معرفت، اسان جا ٻار اڌو ڳابرو انگ اکر سِکي سگهيا ٿي: باقي سيڪنڊري اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ "محڪوم" ٻولي ڪو شانائتو پير پائي، اُها ڳالهہ "حاڪمانہ" ٻوليءَ جي موجودگيءَ ۾ ڪيئن ٿي ممڪن ٿي سگهِي؟ تنهن کان سواءِ، حاڪمن جو بنيادي مقصد تہ فقط پنهنجي حڪومت کي قائم رکڻ جو هوندو آهي: تنهنڪري، انگريزن کي فقط هڪ محدود تعداد "تعليم يافتہ" غلامن جو گهربل هو، جن جي هٿان هو پنهنجي حڪومت جو چرخو ڪاميابيءَ سان هلائي سگهن. اُنهيءَ لاءِ پڻ لازمي هو تہ تعليم جو سرشتو اهڙو تجويز ڪيو وڃي، جو هڪ تہ اُهي "تعليم يافتہ" غلام ڪٿي بہ گهرج کان وڌيڪ نہ پيدا ٿي وڃن، ۽ ٻيو تہ ڪين تعليم فقط اُها ئي حاصل ٿئي جا ڪين "غلاميءَ" لاءِ تيار ڪري ۽ اُن جو خوگر بڻائي. سنڌ جي سدا حيات شاعر، شاهہ لطيف. اهڙن "تعليم يافتہ" غلامن جي تعريف، جن کي ڌاريان حاڪم پيدا ڪرڻ گهرندا آهن، هِن ريت ڪئي آهي:

جو "فارسي" سِکيو، ڳولو، توءِ غلام؛
جو ٻَڌو ٻن ڳالئين، سو ڪِنءَ چائي چام؟
اُجو تان "آب" گهري، ٻُکيو تان "طعام"!
اِيءَ عامن سندو عام، خاصن منجهان نہ ٿئي.

.... اڄ دنيا ۾ ڪوبہ ملڪ موجود نہ آهي، جتي گهٽ ۾ گهٽ اُها تعليم جيڪا هڪ سُڌريل ۽ مهذب شخص لاءِ موجوده دنيا ۾ لازمي سمجهي وڃي ٿي، سا اتان جي ماڻهن کي

سندن پنهنجي مادري ٻوليءَ معرفت نه پر ڪنهن ٻيءَ ڌارينءَ ٻوليءَ معرفت ڏني ويندي هجي .....

.... اڄ جڏهن تعليم سؤ في صدي عام ڪرڻ قومن جي زندگيءَ جو هڪ لازمي ۽ بنيادي اصول بڻجي چڪو آهي- جيڪڏهن انهن حالتن ۾ اسان ڪي پنهنجي مادري ٻوليءَ کي نه فقط محفوظ رکڻو آهي بلڪ اُن کي علمي ۽ ادبي حيثيت ۾ اڳتي وڌائڻو آهي، ته پوءِ اسان کي پنهنجي تعليمي سرشتي جي مدد سان ئي اِهو عظيم مقصد حاصل ڪرڻو پوندو.

سنڌي ٻار کي صحيح معنيٰ ۾ تعليم سان روشناس ٿيڻو آهي، ۽ ٿيڻ گهرجي: ۽ اُها تعليم کيس سندس پنهنجي مادري زبان ذريعي ئي حاصل ٿيڻ گهرجي. اِهو اسان جو پيدائشي حق به آهي، ۽ بنيادي فرض به. اُن لاءِ هڪ ته اسان کي پنهنجي سموري تعليمي سرشتي کي بنهه نئين سِر ناهڻو پوندو، ۽ ٻيو ته اُن لاءِ اسان کي سوين مناسب ۽ مفيد ڪتاب يا اصل لکڻا پوندا، يا ترجمو ڪرڻا پوندا. سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي گهٽگهرن جي سامهون اڄ اِنهن ٻن مقصدن کان سواءِ ٻيون مقصد ڪا اهميت ڪونه ٿو رکي....

[ "سنڌي ٻولي ۽ سنڌ جو تعليمي سرشتو"، سماهي "مهراڻ"، سيارو، 1955ع ]

ٻوليون قدرت جا معجزا ۽ انساني تاريخ جا وڏا ڪرشما هيون. ڪنهن ٻوليءَ جو سرجڻ ئي معنيٰ ته ڪنهن سماج جو، ڪنهن قوم جو سرجڻ، ڪن تهذيبي، سياسي ۽ معاشي ادارن جو سرجڻ، ڪنهن حڪمران قوت جو، ڪنهن سياسي اقتدار جي مرڪز جو وجود ۾ اچڻ، ۽ خود خدا به ته پوءِ ماڻهن سان ماڻهن جي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪلام ٿي ڪيو! ۽ سنڌ ۽ سنڌ جا ماڻهو به اِنهيءَ لاءِ ته آخر آزاد نه ٿيا هئا ته پنهنجي ڳالهه تان دستبردار ٿي، اردو سياسي اقتدار جا غلام بڻجي وڃن.

[ "مهراڻ"- 4، 1984ع – هو جي هئا هِت، ص 250 ]

'ٻولي'، آوازُ – دانهَن ۽ دانهن جو جواب – ٻوليءَ جا لفظ، ٻوليءَ جون ڳالهيون، زندگيءَ جي وڏي وٿ آهن ۽ اُن لاءِ وڏو آٿت آهن، بلڪ ماڻهن لاءِ ماڻهپي سان جيئڻ جو بنياد آهن. روسي اديب ترگنيف (83 – 1818ع )، جنهن پنهنجي عمر جو سڄو اڌ عرصو ڪنهن طرح بي وطنيءَ ۾ گذاريو هو، پنهنجي روسي ٻوليءَ لاءِ هڪ موقعي تي چيو هو:

"جڏهن به مان شڪ ۾ ويڙهجي وڃان ٿو، جڏهن به پنهنجي ملڪ تي ويچاريندي منهنجو مَن لرزجي ٿو، تڏهن او منهنجي عظيم، سگهاري، سچار ۽ آزاد روسي

ٻولي! تون ئي مون کي ڏيڍ ڏين ٿِي ۽ مون کي بچائين ٿِي. جي تون نہ هجِين، تہ ڪ ئي پڪ، جو ڪجھ منهنجي وطن تي وهي رهيو آهي، اُن کي ڏِسي، آءٌ هوند ڊهي، ٻنهہ پَٽ اچي پوان: پر ڪو ائين آخر ڪيئن ٿو مڃي سگهي تہ هھڙي عظيم ٻولي عظيم قوم کان گهٽ ڪنهن قوم کي مليل هوندي!" اسين بہ پنهنجي ٻوليءَ لاءِ چئي سگهون ٿا تہ اُها اسان جو ڏيڍ آهي، آٿت آهي، اسان جا شڪ ۽ نراسايون دور ڪري ٿي: ۽ جيڪا ٻولي اسان کي ..... 'سندي ذات هنجن' جهڙو نثر ڏيئي سگهي ٿي ۽ اُن جهڙي پرک ڏيئي سگهي ٿي، اُها ٻولي ڪيئن نہ عظيم هوندي! ۽ نيٺ اِئين ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ هھڙي عظيم ٻولي عظيم قوم کان گهٽ ڪنهن قوم کي مِلي هجي؟

[ "سندي ذات هنجن"، 1983ع — مهاڳ، ص 2 - 3 ]

محمد ابراهيم جويو

--------------------

(9)

# اسان جي مادري زبان ۽ اُن جي تعليم ۾ اهميت

”تعليم جي سڄي ناڪامي بنيادي طرح ٻوليءَ جي ناڪامي آهي.“

..... ..... .....

”هر صاحب علم شخصُ لازمي طرح ٻوليءَ جو صاحب آهي.“

..... ..... .....

بي اختيار يا ڪم- اختيار معاشري جي آڏو پنهنجي بنيادي حقن جي حفاظت لاءِ فقط ٻه رستا موجود رهن ٿا: پهريون، پاڻ کي بااختيار يا زياده بااختيار بڻائڻ لاءِ جدوجهد ۽ قرباني؛ ۽ ٻيو، ”تانسين پيگي سان ئي پير جانسين رتو راس ٿئي“ — يعني تنهن وچ ۾، حالتن پٽاندر، جو ڪجھ پنهنجي بهتريءَ لاءِ ممڪن ٿي سگهي، اُن تي عمل ڪرڻ.

سنڌي معاشري جو پڻ، ٻين زندھ انساني معاشرن وانگر، هڪڙو اهم ۽ بنيادي حق پنهنجي زبان جي حفاظت ۽ فروغ آهي — جو تہ اُن تي ئي سندس سڄيءَ سڃاڻپ بلڪ پوري وجود ۽ اُن جي افاديت جو دارومدار آهي.

اقوام متحده جي منشور ۾ ملڪن جي لساني اقليتن جو وجود تسليم ٿيل آهي، ۽ سندس بنيادي انساني حَقن جي دستاويز ۾ اقليتن جي ٻولين ۽ تهذيبن جي بچاءَ جو واعدو ٿيل آهي. هر مذهب انساني اجتماع ۾ لساني اقليت جو وجود قائم رهي ٿو، ختم ڪونہ ٿو ٿئي. هر مذهب اڪثريت بہ هر مذهب اقليت مٿان ڏاڍ ۽ اُن جي حَق تلفي ڪري سگهي ٿي.

آزاديءَ کان پوءِ ڪجھ جذباتي ترنگ ۾ ۽ ڪجھ گروهي مفاد جي ڇِڪ سبب، اسلام سان گڏ اردوءَ کي پاڪستان جي نظرياتي اِساس جي هڪ عنصر طور اڳيان آڻيندي، مڪاني ٻولين کي ۽ خاص طرح سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تعليمي ۽ تهذيبي حيثيت کي نظرانداز ڪيو ويو، بلڪ اُن کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي.

ڪراچيءَ ۾ سنڌي پرائمري ۽ ثانوي اسڪولن جو ڪافي تعداد ۾ بند ٿيڻ ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ طرفان امتحاني ٻوليءَ طور سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ جي يڪ طرفي ترديدَ- اِن سلسلي جا ڪافي ڳرا ۽ مهلڪ قدم هئا.

اُن وقت کان پوءِ وقت بوقت، بلڪ مرڪزي حڪومت جي هر تبديليءَ سان تعليمي ڪميشنن جا انعقاد شروع ٿيا، ۽ هر ڀيري "مادري ٻوليءَ" جي اصطلاح کي "قومي ٻوليءَ" جي پرڪشش ۽ رعبدار اصطلاح سان ڍڪيندي، اردوءَ کي سڄي ملڪ ۾ تعليم جي ذريعي طور رائج ڪرڻ جون ڪوششون ٿينديون رهيون – جنهن جي نتيجي ۾ پڻ سنڌ ۾ سنڌيءَ جي محڪم بيٺل تهذيبي اهميت ۽ تعليمي درجي کي ڌڪ لڳڻ جا امڪان اٿندا ۽ نقصان پهچڻ جا انديشا سامهون ايندا رهيا.

1958ع ۾ پهرئين مارشل لا جي دوران، قومي يڪجهتيءَ جي مفاد ۾ سنڌ جي اسڪولن ۾ سنڌ جي صوبائي حڪومت طرفان عمل ۾ آندل مساويانہ لساني فارمولا کي ختم ڪري، اردوءَ کي يڪ طرفي فوقيت ڏياري ويئي، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌي معاشري ۾ تهذيبي طور گروهي تفريق ۽ امتياز جي صورت پيدا ٿيڻ جا آثار اُڀري اڳيان آيا، ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ اُن جا هاڃيڪار نتيجا پڻ نمودار ٿيا.

تنهن وچ ۾، ۽ پوءِ گهڻي وقت تائين، قومي ۽ سرڪاري ٻوليءَ جا ٻولين جي آئيني حيثيت جي سلسلي ۾ فڪر ۽ عمل جون ڪيئي متضاد صورتون اٿنديون رهيون، ۽ ڪافي ڪشمڪشا کان پوءِ، جنهن ۾ ڪيترين ئي ناڪاميون ۽ نامناسب ڳالهيون واقع ٿينديون رهيون، نيٺ 1973ع جي آئين ۾ مسئلي جي هڪ صورت ملڪي سطح تي، ۽ اُن جي آڌار تي خاص طرح سنڌ ۾ صوبائي سطح تي، طئي ٿي، جنهن جي منصفانہ تعميل جو سوال اڃا ٻہ التوا جي حالت ۾ موجود آهي.

هن سڄي عرصي ۾، سنڌي معاشري جي باخبر، ذميدار ۽ حساس حلقن طرفان پنهنجي ٻوليءَ جي وجود جي تسليميءَ ۽ اُن جي تهذيبي ۽ آئيني مفاد جي حفاظت لاءِ مناسب پيش قدمي ٿيندي رهي، ۽ پنهنجي هن بنيادي انساني حَق جي دفاع ۽ بحاليءَ لاءِ گهربل جدوجهد ۾، سنڌي معاشري جي ڪابہ اهڙي اهم شخصيت، ڪوبہ ادارو يا جماعت ڪانهي، جنهن پنهنجي وس آهر پورو پورو حصو نہ ورتو هجي. هزارين پترا، سوين ڪتابچا، ڪيئي ڪتاب، عرضداشتون، ليک، نهراءَ ۽ عرض ناما شايع ٿيا، ۽ تقريباً هر مرڪزي حڪومت آڏو اديبن، عالمن ۽ تعليمدانن جا وفد پيش ٿيندا رهيا، جن مان هر هڪ جو ذڪر لازم نہ آهي، پر هن موقعي تي، خاص طرح وقت جي تنگيءَ جي خيال کان،

مناسب نٿو لڳي. البت، اُن سلسلي ۾ سنڌي ادبي سنگت طرفان 9 نومبر 1962ع تي ”يوم سنڌي زبان“ جي ملهائڻ ۽ وسيع پيماني تي دستخطي مهم ۽ جي طوماري دستاويز جي تياريءَ ۽ 1960ع ۾ ”سنڌي زبان سوسائٽي“ جي قيام ۽ اُن سوسائٽيءَ پاران 1962ع ۾ هڪ تفصيلي عرضداشت جي تياريءَ ۽ تڏهوڪي صدر پاڪستان، مارشل محمد ايوب خان، کي وفد جي صورت ۾ ان جي پيش ڪرڻ جي ڳالهين جو هن موقعي تي، فقط يادگيري طور، ذڪر ڪري ڇڏڻ مناسب ٿو معلوم ٿئي.

هيتري ساري لاڳيتي، بي خوف ۽ بي لوث اجتماعي جدوجهد جو ئي نتيجو آهي، جو اڄ اسان جي پنهنجي مادري ٻوليءَ جي حيثيت هِتي اسان وٽ اُها ئي قائم آهي، جيڪا آزاديءَ کان اڳ اُن جي هئي – يعني:

(1) ابتدائي ۽ ثانوي اسڪولن ۾ ڏهين ڪلاس تائين اسان جي مادري ٻولي اپياسي مضمون به آهي ۽ ذريعو تعليم به آهي.

(2) ڪلاس چوٿين کان 12 ڪلاس تائين غير سنڌي تعليم وارن شاگردن لاءِ سنڌي لازمي اپياسي مضمون جي حيثيت رکي ٿي – جيئن سنڌي ذريعي تعليم وارن شاگردن لاءِ اردو لازمي اپياسي مضمون آهي.

(3) ٻارهين ڪلاس کان پوءِ (سنڌ يونيورسٽيءَ) جي بي – اي جي تعليمي سطح تائين پڻ اسان جي مادري زبان اپياسي مضمون به آهي ۽ اڪثر نصابي ڪورسن لاءِ تعليم جي ذريعي طور پڻ تسليم ٿيل آهي.

(4) ايم – اي جي سطح جي تعليم سنڌيءَ ۾ (بحيثيت اپياسي مضمون جي) سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ۽ پڻ ڪراچي يونيورسٽيءَ وٽ سنڌيءَ جي ذريعي تسليم ٿيل آهي.

(5) سنڌ يونيورسٽيءَ وٽ سنڌي ٻولي ڊاڪٽوريٽ آف فلاسافيءَ جي سَنَدَ لاءِ تحقيقي مضمون جي ٻوليءَ طور تسليم ٿيل آهي.

(6) صوبائي پبلڪ سروس ڪميشن وٽ ملازمتن لاءِ مقابلي جي امتحانن ۾ سنڌي بحيثيت هڪ مضمون جي ۽ پڻ ڪِن محدود حالتن ۾ امتحاني ٻوليءَ جي، ۽ مرڪزي پبلڪ سروس ڪميشن وٽ پي – سي – ايس جي اعليٰ ملازمت لاءِ مقابلي جي امتحان ۾ فقط بحيثيت هڪ مضمون جي تسليم ٿيل آهي.

(7) اسان جي مادري ٻولي، اردوءَ سان گڏ (جنهن کي آئيني طور مرڪزي حيثيت ۾ قومي ٻوليءَ جو درجو به مليل آهي)، سنڌ صوبي جي سرڪاري زبان طور تسليم ٿيل آهي.

هڪ مرڪز پسند وفاقي طرز حڪومت ۾، وفاق جي هڪ اڪائيءَ جي حيثيت ۾، جيڪا اِڪائي مطلق ۽ مستقل اقليت ۾ هجي، اسان کي پنهنجي مادري ٻوليءَ جي اِن حيثيت تي خوش هجڻ جا ڪافي سبب آهن. اِئين برابر آهي ته اُها اُن جي اصلوڪي حيثيت هئي ۽ اُن حيثيت کي اسين وڏي اجتمائي جدوجهد کان پوءِ تسليم ڪرائي يا قائم رکي سگهيا آهيون، ۽ اُن لاءِ اسان کي وري وري جدوجهد پئي ڪرڻي پئي آهي، ۽ آئينده به شايد اِئين ٿئي – ”زندگيءَ جي نعمتن لاءِ دائمي سجاڳيءَ جي قيمت“ ڏيڻي ئي آهي، ۽ اُن سلسلي ۾ اسين پوريءَ طرح فقط تڏهن مطمئن ۽ بي خوف ٿي سگهون ٿا، جڏهن تعليم جو شعبو خالص صوبائي اختيار ۾ هجي ۽ اُن ۾ مرڪز جي دخل اندازيءَ جو امڪان نه رهي - ۽ اِهو پاڻ کي يعني سنڌي معاشري کي وڏيڪ بااختيار بڻائڻ جي مسئلن مان هڪ مسئلو آهي، جنهن لاءِ هيٺين ۽ اقليتي معاشرن کي جدوجهد ڪرڻ ۽ قربانين ڏيڻ جي ضرورت رهي ٿي. بهرحال، هِن وقت ائين به برابر آهي ته اسان جي ٻوليءَ جي اِنهن تهذيبي ۽ تعليمي حيثيتن مان ڪي گهڻي قدر **ڪاغذ** تي ئي موجود آهن ۽ **عملي طور** اِنهن سڀني حيثيتن جو شرف اُها پوريءَ طرح اجا نه ماڻي سگهي آهي، ۽ اُن لاءِ گهڻيءَ حد تائين حڪومت جي انتظامي چرخي ۽ اُن جي ڪِن خاص پرزن جي عدم توجهي، سرد مهري ۽ خصومت ئي ذميدار آهي - ۽ جنهن لاءِ پڻ متاثر ٿيل معاشري تي جدوجهد ۽ قربانيءَ جو فرض لازمي طور عائد ٿئي ٿو.

هنن سڀني ڳالهين کان پوءِ، هِن سلسلي ۾ اسان کي پاڻ به سوچڻو آهي ته موجوده حالتن ۾، جڏهن اسان جي معاشري ۾ اسان جي مادري ٻوليءَ جي تسليم ٿيل تهذيبي ۽ تعليمي حيثيت ايڏي حوصله افزا آهي، تڏهن، اُن جو پنهنجي اُنهيءَ حيثيت سارو معاشري ۾ **قدر** به ٿئي ۽ اُها **عملي** طور پنهنجو اُهو درجو **ماڻي** به سگهي، ۽ اُن جي وسيلي، تعليم ۽ تهذيب جي دائري ۾، خود اسان جو معاشرو به اُهو فروغ ۽ اُها پنهنجي صلاحيت حاصل ڪري سگهي، جيڪا اُن کي هڪ زنده ۽ باوقار معاشري جي صورت ۾ حاصل هئڻ گهرجي – اُن سڀ لاءِ اسين پاڻ ڇا ٿا ڪري سگهون، ۽ پنهنجي ڪوشش ۽ عمل سان ڪيتري قدر ۽ ڪهڙيءَ طرح پنهنجي مادري ٻوليءَ جي ان **مجيل حيثيت کي حقيقي صورت** ڏيئي سگهون ٿا؟

منهنجي خيال ۾ اسين هِن سلسلي ۾ هينيان اقدام ڪري سگهون ٿا:

(1) اسان جا اديب ۽ عالم انفرادي طرح ۽ اسان جا علمي ۽ ادبي ادارا، پنهنجن پنهنجن سونپيل ۽ هٿ ۾ ڪنيل فرضن ۽ ذميدارين جي تعميل طور، ٻارهين ڪلاس کان

مٿي هر اهڙي تعليمي نصاب جا ڪتاب، جنهن لاءِ سنڌي ٻولي اپياسي مضمون يا تعليمي ذريعي طور تسليم ٿيل آهي، لکي سگهن ٿا، لکائي سگهن ٿا، ۽ ڇپائي ۽ شايع ڪرائي سگهن ٿا.

هن سلسلي ۾ ٻارهين ڪلاس جي تعليمي سطح تائين گهربل درسي ڪتابن جي لکائڻ، ڇپائڻ ۽ موجود رکڻ جي سرڪاري ذميداري سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ تي عائد ٿيل آهي، جنهن کي پورو ڪرڻ اُن جو منصبي فرض آهي، ۽ اُن ڪم ۾ سندس ناڪاميءَ جي حالت ۾ اُن کان پوري پوري جواب طلبي ڪرڻ اسان استادن ۽ مائٽن جو به فرض آهي، ۽ اُهو اسان جو حَق به آهي.

حڪومت جي تعليمي ۽ ثقافتي شعبن ۾ ڪم ڪندڙ اسان جا پنهنجا دردمند ۽ باهمت عملدار، پنهنجي پنهنجي دائري اختيار ۾، ۽ وٽن موجود حڪومتي وسيلن آهر، هن ڪتابي ميدان ۾ يعني انهن جي تياريءَ، اشاعت ۽ استعمال جي سلسلي ۾ ڪافي ڪجهه ڪري سگهن ٿا.

(2) اسان جا استاد ۽ تعليمي ادارن جا منتظم ۽ سربراهه، پرائمري تعليمي سطح کان وٺي يونيورسٽيءَ جي تعليمي سطح تائين سنڌيءَ جي تعليم ڏانهن خصوصي توجهه ڏيئي سگهن ٿا — جيئن اپياسي مضمون طور اُن جي پڙهائي ۽ ذريعي تعليم طور اُن جو استعمال، جديد کان جديد طريقن سان، بهتر کان بهتر نموني ۽ دل جي پوري ذوق ۽ ڪامل ذهني صلاحيتن سان، عمل ۾ اچي سگهي.

(3) اِنهيءَ حقيقت جي مدنظر ته اڄ اسان وٽ خاص طرح وڏن شهرن ۾، سنڌي ذريعي تعليم وارن اسڪولن ۾ اسان جي ٻارن لاءِ مادري زبان جي بنيادي تعليمي سهوليتن جِي سخت اٽاٽ آهي، اسان کي حڪومت جي ذميدار اختياريءَ وارن کان هڪ طرف پنهنجي اِن بنيادي حَق وٺڻ جون پنهنجي پنهنجي منهن توڙي جماعتي طور گڏيل ڪوششون ڪرڻ گهرجن: ۽ ٻئي طرف اسين "پنهنجي مدد پاڻ ڪريو" جي اصول تي عمل ڪندي، پنهنجي محلي ۾ پنهنجن ٻارن لاءِ ٻاراڻا ڪلاس، پرائمري اسڪول ۽ پڻ هاءِ اسڪول قائم ڪري ۽ هلائي سگهون ٿا.

(4) اسين پنهنجي محلي ۾ ۽ پنهنجي ڳوٺ ۾ سنڌي ڪتابن جا مرڪز، لئبررين ۽ پڙهائي گهرن جي صورت ۾، قائم ڪري ۽ هلائي سگهون ٿا.

(5) اسان کي، وس پڄندي، ڪڏهن به پنهنجي ٻارن کي ڪنهن بيءَ ٻوليءَ جي ٻاراڻي ڪلاس يا پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪرڻ نه گهرجي. مجبوريءَ کان ڪنهن ٻار جي

حالت ۾ جيڪڏهن اِئين ڪرڻو به پوي، ته گڏوگڏ، ڪم از ڪم پنهنجي گهر ۾ پنهنجي اُن غريب ٻار کي اسين پاڻ پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾، پڙهڻ لکڻ به سيکاري سگهون ٿا.

اسان کي انساني نفسيات ۽ تعليمي فلسفي جو هيءُ بنيادي اصول **هميشه** ياد رکڻ گهرجي – جيڪو اقوام متحده جي تعليمي، تهذيبي ۽ سماجي بهبود جي اداري (يونيسڪو) هيٺين لفظن ۾ قلمبند ڪري، دنيا جي سيني زبانن متعلق ۽ سيني ماڻهن جي عام اطلاع لاءِ شايع ڪرايو آهي:

”.... ٻار لاءِ بهترين تعليمي ذريعو سندس مادري زبان آهي. بهترين تعليم شاگردن جي مادري زبان ذريعي ئي ڏيئي سگهجي ٿي.... تعليم بهترين نموني سان مادري زبان ذريعي حاصل ٿي سگهي ٿي.... پوءِ ڀلي ته شاگرد ٻارُ هجي يا بالغُ.... قومي زبان مادري زبان جي جاءِ نٿي ڀري سگهي....“ (يونيسڪو طرفان نومبر 1951ع ۾، ”تعليم ۾ مڪاني زبانن جي استعمال“ تي پئرس – فرانس، ۾ سڏايل سڄيءَ دنيا جي وڏي ۾ وڏيءَ تعليمي ماهرن جي ڪانفرنس جا فيصلا ۽ سفارشون.)

يونيسڪو جي تعليمي ماهرن جا اِهي فيصلا انساني نفسيات جي هيٺ بيان ڪيل هڪ ٻنهه بنيادي ۽ اَٽل حقيقت تي ٻَڌل آهن:

ٻار جي تعليم شروع ڪرڻ وقت ڪنهن جي ڪهڙي به نيت هجي، پر اُن نيت ۾ ٻار جي خود پنهنجي ڪابه دلچسپي ڪانه هوندي آهي. مائٽن کي، سماج کي ۽ حڪومت کي اُن وقت پنهنجون پنهنجون الڳ الڳ مرادون ۽ نيتون ٿي سگهن ٿيون، جيڪي ڪجهه متضاد ۽ ڪجهه موافقت ۾ به هونديون آهن، پر اُنهن جي ڪنهن به نيت سان خود ٻار جو **شعوري** اتفاق يا واسطو ڪونه هوندو آهي.

جڏهن مائٽ ٻار کي ٽن سالن جي عمر ۾ ڪنهن ٻاراڻي ڪلاس ۾ يا ڇهه سال پوءِ پرائمري ۾ ويهاري ٿو، تڏهن خود ٻار جو پنهنجو فطري اتساهه يا دلچسپي ڪهڙي هوندي آهي؟ فقط هڪ: ۽ اُها هيءَ ته هو پنهنجي دنيا کان **واقف** ٿئي، ۽ اُن واقفيت ڪيس پنهنجي اُن دنيا تي قابض ٿيڻ يا هجڻ جو **شعور** ۽ **خوشي** ڏئي ٿي. سندس هن جاڻ جي اتساهه جي پوري ڪرڻ لاءِ ٻار وٽ پنج حواس ته آهن ئي، پر اُن لاءِ هن کي ٿنهن وچ ۾ ٻي به هڪ حاصلات، فطرت جي هڪ تحفي طور، هٿ اچي ويندي آهي - ۽ اُها هوندي آهي هن جي ڳالهائڻ جي اٽڪل، يعني هن جي **مادري ٻولي**. هيترو وقت، هو گهر ۾ پنهنجي مائٽن جي

محفوظ پناهه هيٺ رهيو، تنهنڪري هو نه ڪنهن کان ڊڄي ٿو، نه ڪنهن جو پاڻ ئي مَنگهرو آهي، ۽ ٻنهه هڪ ٻي ميار معصومَ وانگر پنهنجي مائٽاڻي پناهه گاهه مان نڪري، پنهنجي چوڌاري موجود شين کي ڏسي ٿو ۽ پنهنجي دنيا کي ڪجهه وڌيڪ وسيع ڪرڻ گهري ٿو.

هاڻي، بلڪل اِنهيءَ پَلِ، جڏهن هن جي نازڪ ۽ نرمل دل دنيا جي نيڪيءَ ۽ گهڻگهرائيءَ جي تَرنگ ۾ پريل آهي، ٻار کي هڪ اهڙي وايومنڊل ۾ آڻي وڌو ٿو وڃي، جيڪو هن جي مادري ٻوليءَ جو وايو منڊل نه آهي! ۽ هڪدم هو ڏسي ٿو ته نه هن کي ڪوئي سمجهي ٿو ۽ نه هوئي ڪا ڳالهه ٿو سمجهي! هن جي ڪلاس جي ڪمري ۾ جيڪا ٻولي چالو آهي، سا هن جي ٻولي ڪانهي! ٻار کي اوچتو **صدمو** ٿو رَسي – **ڏاريائپ** جو صدمو - ۽ هو سڄو **نراسائيءَ** ۾ ويڙهجي ٿو وڃي. هِن جي ٻولي، جيڪا هن لاءِ هن جي گهُر هئي، ۽ اُن پَلَ تائين سڄي هن جي زندگي هئي، اُها هن جي اسڪول ۾ هن جي ڪنهن ڪمِ ڪانه ٿي اچي. نتيجي ۾، هو اُن پنهنجي نئينءَ دنيا کان هميشه لاءِ، ذهني طور، جذباتي طور، ڪَٽجي ٿو وڃي، ۽ هن جي مَن ۾ اڪيلائپ جو احساس، پيدا ٿي پوي ٿو. اُن ڏاريائپ واريءَ فضا ۾ ٻار لاءِ اهڙو ڪو خطرو ٻه واقعي ڪونهي ته اُتي ڪو هن تي اُلر ڪندو، هن کي ڏک هڻندو يا اهڙو ڪو نقصان پهچائيندو: پر سچو پچو هڪڙو خطرو هن کي اُتي آهي، ۽ اُهو اِهو آهي ته اُتي هو **ڏيان تان لهي ويندو**، ۽ اِنهيءَ ڪري هن جو **قدر گهٽجي ويندو**، ۽ هو **خسيس لڱندو**.

اسان سڀني کي، جن کي پنهنجن ٻارن جي تعليم جي اهميت جو احساس آهي، ياد رکڻ کپي ته ”اسڪول جي دنيا ۾ جيڪي ٻه شغل، دلچسپيون ۽ ڪم ڪار ٿين ٿا، انهن ۾ هڪ هڪ کان ۽ سڀني کان وڌيڪ اهم شيءِ اُتان جي **ٻولي** آهي: ۽ اُها ئي هڪ شيءِ آهي، جيڪا اُن اسڪول جي دنيا ۾ هرڪو ٻار پاڻ سان کڻي وڃي ٿو. ڪلاس روم ۾ موجود اُنهيءَ هڪڙي بنيادي سچ، اُنهيءَ هڪڙيءَ بنيادي حقيقت، جو اسان سڀني کي احساس هئڻ کپي، ۽ اُن هڪڙي ننڍڙي سچ ۽ اُنهيءَ هڪڙيءَ ننڍڙيءَ حقيقت سان اسان سڀني کي انصاف ڪرڻ کپي: ۽ اسان جي ٻار جي تعليم جي سموريءَ ڪاميابيءَ جو دارو مدار اُنهيءَ **هڪڙيءَ ڳالهه** تي آهي – چو ته **”تعليم جي سڄي ناڪامي بنيادي طرح ٻوليءَ جي ناڪامي آهي“** ۽ **”هر صاحب علم شخص لازمي طرح ٻوليءَ جو صاحب آهي.“**

[25 اپريل 1980ع، سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي ڪل سنڌ ڪانفرنس، حيدرآباد، جي موقعي تي پڙهيو تقرير- ”هلال پاڪستان“، 1 – مارچ، 1983ع ]

محمد ابراهيم جويو

---------------------

(10)

# تعليم جو مؤثر ذريعو مادري زبان آهي

پهرين ٻولي، جا ٻار ٻُڌي ٿو، سمجهي ٿو، سِکي ٿو ۽ ڪم ٿو آڻي، سا هُن جي ماءُ جي ٻولي آهي.

اوسين تائين تہ تعليم لاءِ ماءُ جي ٻولي ئي نہ رڳو مؤثر، سڀ کان مؤثر، پر واحد ذريعو سمجهي وڃي ٿي ۽ مڃي وڃي ٿي.

اُن ڪان پوءِ بہ، دنيا جي آزاد ۽ مهذب انساني معاشرن ۾ هرهنڌ، ۽ سڄيءَ انساني تاريخ ۾ اڄ تائين، تعليم جي نہ فقط مؤثر پر سڀ کان سَستي ۽ سڀ کان آسان ذريعي طور ماءُ جي ٻولي ئي قبولي ويئي آهي ۽ استعمال ٿيندي آئي آهي.

فقط ٻاهران آيل مذهبَ ۽ ٻاهر جا فاتحَ ۽ حاڪمَ ئي مڪاني طور رائج ماءُ جي ٻوليءَ جي اِها حيثيت ۽ اِهو حق ۽ اُن جي اِها لياقت قبولڻ کان انڪاري رهيا آهن ۽ انڪار ڪن ٿا - ۽ اُن ۾ هر طرح اُنهن جا بالادستي ۽ استحصالي مفاد موجود هجن ٿا.

غير مادري زبان ذريعي تعليم ورتل قومون يا معاشرا سدائين متعلقہ مادري زبان وارين ' تعليمي ' قومن يا معاشرن جا غلام، تابع ۽ محتاج رهيا آهن — اقتصادي، سياسي ۽ سماجي طور — سدا سنوان ۽ ظاهر ظهور يا اڻ سڌي ۽ اڻ لَڪائتي نموني.

اهڙن زيردست ۽ تابع معاشرن ۾ جڏهن تعليم لاءِ ٻوليءَ جي ذريعي جي ڳالهہ ڪجي ٿي، تہ تعليم جي سڄي سماجي مانداڻ يا ساج سٽاءَ (Mechanism) کي نہ، پر فقط اُن جي رسمي پهلوءَ کي خيال ۾ رکي پوءِ اُها ڳالهہ ٿي ڪجي — جو تہ اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين، ڪتابن، اخبارن، ريڊين ۽ ٽيليويزنن، ۽ ڌارينءَ ٻوليءَ جي مذهبي واعظن ۽ مبلغن ۽ اُن جي اهڙن ٻين حڪومتي يا بالادستي واسطن کان علاوه ۽ انهن کان بلڪل دور رهي ڪري، ماڻهن جو باقي سڄو پنهنجو وقت پنهنجي مادري زبان جي سماجي فضا سان تعلق دوران، ڪين پنهنجي مادري زبان ۾ ئي حسي تربيت ۽ ذهني تعليم ملندي رهي ٿي. بالادست ۽ استحصالي مفاد کي دراصل اها عين فطري ۽ قدرتي صورتحال بہ ڏکي لڳندي

آهي، ڇو ته اُن ۾ هو زيردست معاشري يا قوم کي پنهنجي گرفت مان انيڪ نمونن ۾ آجو ٿيندي ڏسي ٿو – يا ڪم از ڪم، محڪوم قوم جي اُن غير رسمي تعليم جي دائري ۾ هو پاڻ کي ڪٿي به موجود نٿو ڏِسي، ۽ اِنهيءَ ڪري اُن محاذ تي هو پاڻ کي ڪمزور ٿو محسوس ڪري، ۽ اِنهيءَ ڪري بي اطمينان، ناخوش بلڪ غصي ۾ پريل رهي ٿو. ۽ پنهنجي اِها بي اطمينانيءَ، ناخوشي ۽ ڪاوڙ پوءِ هو اِئين ظاهر ڪندو آهي، جو هو تابع معاشري يا قوم جي زبان جي استعمال ۽ اثر بلڪل ختم نه، ته به وڌ کان وڌ ۽ هر طرح گهٽائڻ ۽ محدود رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اُن ڪوشش ۾ پهريون نشان اُن جي اڳيان اِهو هوندو آهي ته ڪنهن طرح زيردست معاشري جي ٻوليءَ کي رسمي تعليم جي ذريعي جي حيثيت ۽ عمل کان محروم رکيو وڃي – ريجهه راز ۽ ماٺ ميٺ ۾، نه ته زوران زوريءَ ۽ حڪما حڪميءَ به، بلڪ ٻنهي طريقن جي گڏيل ڪاريگريءَ ۽ ڪارستانيءَ وسيلي.

رسمي تعليم جي ميدان يا سرشتي ۾، ٻوليءَ جي حيثيت يا اهميت جي ڳالهه تي ڪجي، ته اُن لاءِ ٻوليءَ جي ٽن ڪارجن کي خيال ۾ رکڻو پوي ٿو: (1) تدريس جي ذريعي (Medium of Teaching) جو ڪارج – ابتدائي، ثانوي ۽ اعليٰ تعليم لاءِ؛ (2) تدريس جي هڪ مضمون (A subject of Teaching) جو ڪارج؛ (3) اَڻ – اکرائي (Illiteracy) جي خاتمي لاءِ ذريعي جو ڪارج.

تدريس جي هڪ **مضمون** طور ڪنهن ٻوليءَ جي تعليم کي اُن حد تائين ۽ اُن نوع جي ئي اهميت ملندي، جيتري ۽ جهڙي اهميت اُن کي تدريس جي **ذريعي** طور سڄي تعليم جي سرشتي ۾ مليل هوندي. جيڪڏهن تدريس جي ذريعي جو ڪارج اُن کي ابتدا کان وٺي اعليٰ تعليمي درجي تائين ادا ڪرڻو آهي، ته خود اُن جي پنهنجي تدريس يا سِکيا جو اهتمام (هڪ مضمون جي صورت ۾) اُن ئي معيار يا درجي جو ۽ اُن ئي سطح مطابق ڪرڻو پوندو – جيئن انگريزن جي دور ۾، اسان وٽ، خاص طرح انگلش ميڊيم تعليم جي متوازي سرشتي ۾، موجود هوندو هو؛ يعني، سڄي تعليمي سِڙهاءَ ۾، سڄو زور، ابتدا کان اعليٰ سطح تائين، انگريزيءَ جي پڙهائيءَ تي؛ ۽ ڪا ٻولي ثانوي طور پاڙهڻ ۾ ايندي هئي ته اُها به فرينچ، لئٽن، جرمن وغيره – نه سنڌي، نه اردو، ۽ نه وري محڪوم رعايا جي ٻي ڪا ٻولي. دنيا ڄاڻي ٿي ته اُنهيءَ خاص ۽ متوازي انگلش ميڊيم سرشتي تعليم جا پڙهيل امير نسل جا، يا اِئين انگريزي پڙهي نئينءَ مان ڪي امير ٻڻيل، خاص شخص ئي هوندا هئا، جيڪي انگريزي سامراج جي عملداري سرشتي جا هٿيَ اسان وٽ معتبر ۽ معتمد

سُتونَ يا ٿنيا هوندا هئا، ۽ اُهي ' عام رعايا ' جي ڪا ٻولي پڙهندا يا سِڪندا بہ هئا تہ اُها بہ فقط پنهنجي عملداريءَ جي ڏينهن ۾، ۽ سا بہ رڳو پنهنجن آقائن جي مفاد ۾ پنهنجي عملداريءَ جي فرضن ۽ ذميدارين جي ڪامياب ادائگيءَ لاءِ. انگريز سامراجَ، ملڪ جي سڄيءَ سياست ڪي لڳ ڀڳ اهڙن ئي انگريزي پڙهيل **'دانشورن '** هٿان آخر تائين پنهنجي ضابطي ۾ رکيو، ۽ پوءِ جنهن حال ۾ ۽ جنهن صورت ۾ اسان جي هيءَ دنيا هو ڇڏي ويا، اُها اڄ بہ گهڻي قدر سندن ئي پنهنجي عالمي مفاد جو رنگ ۽ روپ اختيار ڪيو بيٺي آهي. تدريس جي هڪ مضمون طور ٻوليءَ جي تعليم، ٻين ڳالهين ڪان علاوه، ماڻهوءَ ۾ تخليقي ۽ اظهاري صلاحيتن ڪي وڌائي ٿي ۽ اُن حد تائين هن جي مَن ۾ خود پنهنجي لاءِ ۽ اُن ٻوليءَ جي 'معاشري' لاءِ عزت ۽ قدر جو جذبو اُڀاري ٿي ۽ پختو ڪري ٿي - ۽ جيڪڏهن اُها ٻولي ڪنهن پر ماڻهوءَ جي پنهنجي مادري ٻولي نہ آهي تہ، ردعمل طور، هن جي مَن ۾ پنهنجي ماءُ جي ٻوليءَ ۽ اُن جي وسيع ۽ عام معاشري لاءِ، جيڪو هن جو پنهنجو اصل معاشرو آهي، بنهہ ڌِڪار نہ، تہ بہ هتڪ، ننول ۽ لاغرضائيءَ جا رُخ اڪثر اُڀرن ٿا؛ ۽ اُن سان گڏ، جيڪڏهن هن ڪي سندس ذاتي ۽ طبقاتي مفاد بہ اُن طرح، يعني اُن ڌارينءَ ٻوليءَ جي معرفت، سِڌ ٿيندي ڏيکاري ڏين، تہ پوءِ تہ هو پنهنجي ٻوليءَ ۽ پنهنجي جنمي ۽ اصلي معاشري ڪان پوري بيگانگي اختيار ڪرڻ ۽ انهن جي مفادن جي زيان ڪي نہ رڳو خاموشيءَ سان برداشت ڪرڻ بلڪ اُنهن ڪي پنهنجن هَٿن سان پاڻ قربان ڪرڻ ڪان بہ ڪين گسندو. اِنهيءَ ڪري ئي مهذب ۽ آزاد معاشرا پنهنجي تعليمي سرشتي ۾ خود پنهنجي مادري زبان جي تعليم لاءِ بلڪل بنيادي ۽ مرڪزي حيثيت مقرر ڪندا آهن ۽ اُن تعليم ڪي اُن سرشتي جي اعليٰ ڪان اعليٰ سطح تائين خصوصي اهميت ڏيندا آهن.

اڻ اکرائيءَ جي خاتمي لاءِ، يعني اڻ پڙهيل بالغن، مَردن ۽ عورتن، جي تعليم لاءِ، ماءُ جي ٻوليءَ کي اڄ، پوري پوري تجربي کان پوءِ، دنيا ۾، پست کان پست معاشرن لاءِ بہ، واحد، سَستي ۾ سَستو ۽ آسان ۾ آسان ذريعو تسليم ڪيو ويو آهي.

ساڳيءَ ريت، ابتدائي تعليم لاءِ پڻ، عالمي پيماني تي، ۽ سماجي ۽ انساني مفاد جي سيني حَلقن ۾ - پوءِ اُهي سياسي نوع جا هجن، مذهبي نوع هجن يا تهذيبي نوع جا هجن – اتفاق راءِ سان، مادري زبان کي ئي واحد، سَستي ۾ سَستو ۽ آسان ۾ آسان ذريعو تسليم ڪيو ويو آهي.

بالغن جي تعليم توڙي ابتدائي تعليم لاءِ ڪا مادري زبان ذريعي جو ڪم ڏيئي سگهي، اُن لاءِ سڀ ڪان اول جا ضروري ڳالهہ، بطور شرط جي، مڃي ويئي آهي، اُها آهي اُن

زبان جي رسم الخط يا لپيءَ جي موجودگي. ٻيو اُن سان لاڳاپيل، ضمني، شرط اُن لاءِ اهو ضروري مجيل آهي ته، اُن لپيءَ ۾ لکيل پڙهائيءَ جو اڳ تيار ٿيل، مواد موجود هجي، ۽ ٿيون ته وڌيک پڙهڻ ۽ پڙهائيءَ کي جاري رکڻ لاءِ شايع ٿيل ۽ شايع ٿيندڙ مواد به ڪافي ڪنهن انداز ۾ موجود هجي، ۽ چوٿون ته پڙهائيءَ لاءِ تعليمي طور لائق ۽ پڻ تربيت ياتل استاد به موجود هجن. هنن ڳالهين سان گڏ، مالي وسيلا، پڙهائيءَ لاءِ مرڪز، ضروري قسم جو فرنيچر ۽ ٻيا گهرج جا سامان به موجود هجڻ کپن – پر ظاهر آهي ته اُهي تعليم جي نظام لاءِ عام گهرج جون شيون آهن ۽ ڪنهن خاص زبان جي پڙهائيءَ لاءِ ئي فقط لازم نه هونديون آهن. اِنهيءَ ريت ڏٺو ويندو ته اُن عام ضرورت جي ساز سامان سان گڏ ڪنهن خاص زبان جي تدريس لاءِ جن ڳالهين جي خصوصي ضرورت آهي – يعني لپيءَ جي، ڪتابن جي ۽ استادن جي – تن جو فوراً (يعني ڪنهن مقرر ڪيل، خاص مدت ۾) موجود ڪرڻ اهڙو ڪو مشڪل مسئلو ڪونهي، جيڪو وقت جي حڪومت حل نه ڪري سگهي: بشرطيڪ اُها اُن مسئلي کي، پنهنجي هڪ فرض منصبيءَ طور حَل ڪرڻ گهري، ۽ اُن لاءِ عالمي طور مجيل ۽ آزمايل اصول اختيار ڪري ۽ طريقا عمل ۾ آڻي. دنيا ۾، خاص طرح ٻيءَ عالمي جنگ کان پوءِ، جڏهن سوين ملڪ مغربي سامراجيت جي ٻينڪي اِشڪنجي مان آزاد ٿي، خودمختيار ٿي ۽ مستقل وطن جو درجو حاصل ڪري چڪا آهن – مثلاً آفريڪا جي ' اونداهي ' کنڊ جا ڪيترا ملڪ – تن جي ڪوڙئين بلڪ سوين مادري زبانن جي تعليم لاءِ اِن قسم جا اهتمام ڪيا ويا آهن، ۽ اُتي اڄ بالغن جي پڙهائيءَ لاءِ، ۽ پڻ ٻارن جي ابتدائي تعليم ۽ درجي بدرجي اعليٰ تعليم لاءِ اُتان جون اُهي مادري زبانون، تدريس جي ذريعي طور ۽ پڻ تدريس جي مضمون طور، استعمال ٿي رهيون آهن.

اِن سلسلي ۾، يعني مادري زبانن جي اِنهيءَ تعليمي ڪردار (Educational role) جي حمايت ۾، جيڪو مادري زبانن جو فطري ۽ اصولي ڪردار آهي، عالمي پيماني تي، ٻهريون ٻيرو 1951ع ۾، "يونيسڪو" (UNESCO) جي ماهرن جي ميٽنگ ۾، هڪ زوردار ۽ پُراعتماد آواز اٿيو. اُن ميٽنگ جي ڪاروائيءَ جي رپورٽ پوءِ 1953ع ۾ سڄيءَ دنيا جي قومن جي عام اطلاع طور پڌري ٿي، جنهن ۾ هڪ مطلق ڪُليي طور، اِهو رايو ظاهر ڪيو ويو ته "تعليم جو عمل، بهترين قسم جو، ماءُ جي ٻوليءَ ۾ ئي ممڪن آهي.... شاگردن کي پنهنجي اسڪولي تعليم ماءُ جي ٻوليءَ ۾ ئي شروع ڪرڻ گهرجي.... ۽ اُن جو استعمال تعليم جي ممڪن کان ممڪن متاهين درجي تائين وڌائبو رهجي." (UNESCO), "The Use of Vernacular Languages in Education" Report of UNESCO

Meeting of Specialists (1951), Monographs on Fundamental Education V111, p. 47- 8, Paris. UNESCO 1953. اُن کان پوءِ، هيءُ رايو، هيلتائين ڪيئي ڀيرا، دنيا جي ماهرن ۾ ۽ تعليم دانن جي قومي ۽ بين القوامي اجلاسن ۾ وري وري پئي اعلانيو ويو آهي. مثلاً، ”انگريزيءَ جي پيٽ ۾ آفريڪي ٻولين جو تعليم استعمال“ بابت ڪوناڪل يونيسڪو جي هڪ خصوصي ڪانفرنس ۾، هيءُ نتيجو اخذ ڪيو ويو ته ”جيڪو ٻار پنهنجي ٻوليءَ جي ماحول ۾ رهي ٿو، تنهن لاءِ بهترين صورت هيءُ آهي ته هن کي سندس مادري ٻوليءَ ۾ تعليم ڏني وڃي،“ ۽ ٻيو ته ٻارن کي جيتري به زياده ۾ زياده ٿي سگهي اوتري مادري زبان ۾ تعليم ڏيڻ گهرجي (ڏسجي: ”آفريڪي ڪامن ويلٿ جي ملڪن ۾ ٻوليءَ ۽ تعليم جو مسئلو“ از بي – ڊبليو- ٽفن، ص. 73 – 78، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، لنڊن، 1968ع ( B.W.Tiffin, “Language and Education in Common wealth Africa” in: Daken J. et al (eds.), “Language in Education”, pp. 83- 84, London, Oxford University Press. 1968. اُن کان پوءِ 1972ع ۾ يونيسڪو جي ماهرن جي مشاورتي ڪاميٽيءَ جو ”ٻوليءَ جي تعليم بابت سرڪاري پاليسيءَ جي ترتيب ۾ لسانيات ۽ سماجي لسانيات جو دخل ۽ ڪردار“ جي موضوع تي مذاڪراتي جلسو ٿيو؛ جنهن ۾ ”يونيسڪو“ جي 1953ع واريءَ رپورٽ سان نئين سر اتفاق ظاهر ڪيو ويو، ۽ چيو ويو ته ”خود اهڙين حالتن ۾، جڏهن ڪنهن مادري زبان جا ڳالهائيندڙ ايتري تعداد ۾ موجود نه هجن، جو اُن ۾ تعليمي مواد جي ڪتابي اشاعت ڪنهن وڏي پيماني تي مناسب لڳي، ڪم از ڪم شروعاتي انگن اکرن جي سِکيا، بهرحال، انهن حالتن ۾ به، مادري ٻوليءَ ۾ وڌيڪ مفيد ٿيندي“ (ڏسجي، ”ٻولي سِکيا جي عمل ۽ پاليسيءَ ۾ لسانيات ۽ سماجي لسانيات جو ڪردار“ ص 11، يونيسڪو، پئرس، 1972ع). UNESCO, “The Role of Linguistics and Socio- Linguistics in Language Education and Policy”, p-11, E/D/Ws/286, Paris. UNESCO, 1972.

”اقوام متحده جي ”يونيسڪو“ تنظيم طرفان تعليمي اصول ۽ عمل بابت اِهي اظهار ۽ اعلانيه رايا، اِن مسئلي تي عالمي فتويٰ جو درجو رکن ٿا، جن جي تسليميءَ کان انڪار ۽ تعليم کان گريز فقط اُهي حلقا ڪن ٿا، جي پنهنجي استحصالي بالادستيءَ ۽ حاڪميت کي قائم رکڻ چاهيندا آهن، يا اُهي جيڪي پنهنجي زيردست حيثيت يا غلامانه صورتحال تي راضي هوندا آهن يا اُن تي مطمئن رهن ٿا.

[ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن، ميرپور خاص، جي لطيف يادگار مجلس، مورخہ 19- 11- 1981ع، جي تعليمي، ادبي ۽ ثقافتي ميڙ ۾ پڙهيل تقرير: ”اخبار تعليم“، سيپٽمبر- ڊسمبر 1981ع ]

# استدعا

(1) پاڪستاني قوم جي نظرياتي اِساس جو واحد بنياد اسلام آهي: اُن ۾ زبان جو يا ڪنهن ٻيءَ شيءِ جو اضافو لازمي طور اُن کي لوڏي ۽ ڪمزور ڪري سگهي ٿو.

(2) هر سطح جي تعليم جي ذريعي طور مادري زبان کي سڄيءَ دنيا ۾ بنهه قدرتي ۽ سڀ کان مؤثر ذريعو سمجهيو ۽ مڃيو وڃي ٿو: اُن کان سواءِ مادري زبان ماڻهن جي ثقافتي ورثي جو پيندار بہ آهي ۽ واهَڻُ بہ آهي. اِنهيءَ ڪري پنهنجي مادري زبان کي، اهڙي هڪ لافاني قدر ۽ ماڻ جي مظهر طور، پيار ڪرڻ، ۽ هنئين سان لائڻُ، اُن جي حفاظت ڪرڻُ ۽ اُن کي زور وٺائڻُ اُن جي ماڻهن جو لازمي فرض آهي.

(3) پاڪستان جي 1973ع جي آئين مطابق اردو اسان جي قومي زبان آهي، سرڪاري استعمال جي ڪارڻ طور - ۽ اِن ڪارج ۾ اُن کي، سنڌ جي صوبي اندر، سنڌي زبان کي پاڻ سان شامل ڪرڻو آهي، جيڪا اسان جي مادري زبان آهي.

(4) 1947ع ۾ پاڪستان جي قيام کان وٺي، اسان جي ٻارن جي تعليم جي ذريعي طور توڙي سرڪاري استعمال جي سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي رتبي کي هر نئين وفاقي حڪومت جي آڏو پيش ڪيو، سمجهايو ۽ واضح ڪيو ويو آهي، ۽ اُنهن مان هر حڪومت، واري واري سان ڪافي ڪجهه ' نہ نہ ۽ ها ها ' ڪرڻ کان پوءِ، اسان جي زبان جو اُهو رُتبو پوري ذميدارانہ انداز سان قبوليو ۽ منظور پڻ پئي ڪيو آهي — اِن سلسلي ۾ سندن 1956ع، 1962ع، 1967ع، 1972ع، ۽ 1974ع جا هائوڪاري اعلان موجود آهن.

(5) بدقسمتيءَ سان ، پنهنجي زبان تي اسان جي حَق جو اصول ۽ اُن جو استدلال، بهرحال، ساڳيءَ ڪشاده دليءَ سان شايد ڪڏهن بہ قبوليو نہ ويو- اُن کي پوريءَ طرح ماڻڻ لاءِ اسان جي مدد ڪرڻ جو تہ سوال ئي پري رهيو. وفاقي انتظاميہ جي ماتحت ڪراچيءَ جي علائقي ۾ 1948ع کان وٺي 1956ع تائين سنڌي پرائمري اسڪولن جي حوصلہ شڪني؛ ون يونٽ جي 1956ع کان 1970ع تائين واري دور ۾، سنڌي زبان ۽ ذريعي جي تعليم جي قيمت تي، اردو زبان ۽ ذريعي تعليم جو سڌو توڙي اڻ سڌو فروغ ۽ حمايت؛ ۽ ذريعي تعليم ۽ سرڪاري استعمال جي سلسلي ۾، اڄڪلهہ جو

ڏسڻ ۾ ايندڙ ايترو جوش ۽ تاءُ، جنهن ۾ صوبي ۾ سنڌي زبان جا ساڳيا حَق ۽ ساڳيون دعوائون تقريباً مڪمل طور نظرانداز ٿي رهيون آهن- اِهي سڀ ذميدار اختياري دائرن جي دلي خواهشن ۽ ارادن جا واضح نشان پيا معلوم ٿين، ۽ ائين پيو ڏِسجي ته هو شايد اهڙيءَ ڪنهن صورتحال کي وڏيڪ پسند ڪن ٿا ته اسان جي مادري زبان مرڳو موجود ئي نه هجي.

(6) تازو ڪافي ڪجھ فيصلا تعليمي ۽ زبان سان لاڳاپيل پاليسين ۽ ذريعي تعليم ۽ سرڪاري استعمال جي زبان متعلق پڌرا ڪيا ويا آهن. اُهي ۽ اُنهن جي وڏي شهرت جيڪا ريڊيو، ٽي. وي ۽ پريس ۾ ٿي رهي آهي، ۽ خصوصاً اِن قسم جا نعرا جيڪي ابلاغ عام جي ذريعن تان لڳندا ۽ ٻُرندا ٿا رهن — اِهي سڀ هڪڙيءَ ڪنهن ڊيڄاريندڙ صورتحال جي نشاندهي ٿا ڪن. ائين ٿو ڏسڻ ۾ اچي جڻ اسان پاڪستاني قوميت لاءِ اسلام جي واحد اِساسي بنياد کي آڏو آڻي رهيا آهيون. پنهنجي قومي نظريي تان ائين هٽڻ يا مُڙڻ جا خلاف خاطر نتيجا آسانيءَ سان اسين پنهنجي تصور ۾ آڻي سگهون ٿا.

(7) هيءَ عجيب ڳالھ آهي ته پنهنجن مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڻ وٽ اسلام جي رهبريءَ جي موجود هوندي، اسين گذريل 34 سالن جي عرصي ۾ پنهنجن ٻارن جي تعليمي ذريعي جي مسئلن کي حَل نه ڪري سگهيا آهيون. ڏسجي ٿو ته اِئين رڳو هڪڙي معمولي سبب جي ڪري ٿيو آهي - ۽ اُهو هيءُ ته اسين اصولي فيصلا نه ٿا ڪريون، ۽ اُن جي بدران، پنهنجن گروهي مفادن کي اڳيري ڪرڻ جي سهوليتن پيدا ڪرڻ لاءِ، مسئلن کي منجهيل ۽ مبهم حالت ۾ ڇڏڻ وڏيڪ پسند ٿا ڪريون.

(8) اڄ، ڪراچيءَ سوڌو سنڌ جي تقريباً سيني شهري ايراضين ۾، بنيادي ابتدائي سطح کان وٺي مٿي تائين، اسان جي ٻارن جي سنڌي ذريعي تعليم بي حد دڪدائڪ حد تائين بي توجهيءَ جو شڪار آهي. اسان جي مادري زبان، قومي زبان سان گڏ، صوبي ۾ سرڪاري ٻوليءَ جي ڪردار ادا ڪرڻ جهڙي ٿي سگهي، جيئن آئين ۾ اُن جي اجازت موجود آهي، اُن لاءِ اُن جي صلاحيتن جي فروغ لاءِ ڪجھ به نٿو ڪيو وڃي. پبلڪ خرچ تي هلندڙ ٽي . وي ۽ گهڻي قدر ريڊيو به، صوبي جي هڪ زنده ۽ جديد زبان جي حيثيت ۾ سنڌيءَ کي تسليم ڪرڻ لاءِ مشڪل کي تيار آهن. پنهنجي ادبي فروغ جي سلسلي ۾ اسان جي ٻوليءَ کي پنهنجي ئي مختصر وسيلن تي ڀاڙڻو پوي ٿو، ۽ اُن جي پريس جو، ماٽي جي ماءُ جي داٻ هيٺ، ڏاڍو بُرو حال

آهي. درسي ڪتابن جي تياريءَ ۽ ڇپائيءَ جي سلسلي ۾ سنڌي درسي ڪتابن تي ڪو توجهه آهي ته فقط سڀ کان آخر ۾ ۽ رڳو بار لاهڻ طور. اسان جي ٻارن کي اهو موقعو ۽ وجهه به ڪونه ٿو ملي ته هو سرڪاري طور اعلان ٿيل ٻارن جي انعامي مقابلن ۾، پنهنجي مادري ٻوليءَ جي ناليءَ ۾ ۽ اُن جي ذريعي ڪو حصو وٺي سگهن.

(9) پاڪستان جهڙي ملڪ ۾، جتي هڪ کان وڌيڪ زبانون ڳالهائيندڙ ماڻهو رهن ٿا، زبانن جو مسئلو اِئين حَل ڪونه ٿي سگهندو، جو اُن کي نظرانداز ڪيو وڃي، اُن کان ٽَٽايو وڃي يا مرڳو اُن کي دٻايو وڃي. محض نمائشي ۽ وعظ جي نموني جا فقرا يا ڳالهيون به اُن کي ڪڏهن حَل ڪونه ڪنديون. اهڙن طريقن سان اسين وڌيڪ مونجهاري ۾ پونداسين، جيئن انهن جي استعمال سان اسين اڳي ئي مونجهاري ۾ آهيون. نِيتن جي سچائيءَ ۽ مقصد جي نيڪيءَ ۽ اخلاص جي بنياد تي مسئلي جو حَل ڪو ناممڪن به ڪونهي. ساڳين حالتن ۾ رهندڙ ملڪ ۽ ماڻهو هِن مسئلي کي حَل ڪري چڪا آهن. اسان لاءِ اسلام جي راسخ العقيدگي هن سلسلي ۾ رهبريءَ جو ڪم ڏيئي سگهي ٿي: اسلام دراصل ڪنهن خاص ٻوليءَ جو دوست نه آهي، اسلام سيني ٻولين کي ساڳئي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو.

(10) سچ پچ ته وقت آيو آهي، جو اسين هن توڙي اهڙن ٻين معاملن ۾ پنهنجي ضمير جي آڏو صاف دليءَ سان، پنهنجي پاسخاطرين ۽ مخصوص دلپسندين جا قبولدار ٿيون، ۽ پنهنجي انفرادي ۽ گروهي رٿابندين ۾ سچي پچيءَ نيڪ تمنا – يعني سڀ جي ڀلائيءَ جي تمنا – کي دخلڪار ٿيڻ ڏيون، ته جيئن هيءُ يا اهڙا ٻيا مسئلا مٺ محبت سان حَل ڪري سگهون، جنهن ۾ ئي دراصل اسان جي آئنده نسلن جي دائمي ڀلائي – عادلانه ۽ معتدل ڀلائي – آهي.

(11) اسان جي مَن ۾ اهڙي قسم جي اخلاقياتي ڦيرو اچي، اُن جي ذميداري اسان سان جيڪي طاقتور گروهه آهن تن جي سِر تي آهي ۽ نه ڪمزور گروهن تي.

(12) پهرين قدم طور- جيئن اسان ۾ باهمي سلامتيءَ ۽ گهٽگهرائيءَ جو هيءُ رُخ پيدا ٿئي، ۽ باهمي حسد، بي اعتباريءَ ۽ شڪ جي باهه ٿڌي ٿئي ۽ وِسامي وڃي.... اچو ته هيءُ ٻولين جو مسئلو اسلامي طريقي سان – يعني بي غرض، ذميدار ۽ سڀ کان وڌ اصول پسند طريقي سان حَل ڪريون. وقت بوقت، رڳو خود- خيال ۽ عقل- ڪُل جي ڏيکاءُ ڏيندڙ اعلانن ۽ پڌرنامن مان هن سلسلي ۾ ڪو فائدو ٿيڻو ڪونهي.

(13) هن معاملي ۾، جنهن کي اسين پاڪستاني ملت جي مستقبل لاءِ هڪ بيحد اهم معاملو سمجهون ٿا، اسين سنڌ صوبي جا هيٺ صحيح ڪندڙ ليکڪ، شاعر، فنڪار، استاد، شاگرد ۽ عام سمجهه رکندڙ ننڍا وڏا ماڻهو سڀ، پوريءَ ذميداريءَ سان گهُر ٿا ڪريون تہ هڪ ”ڪُل پاڪستان ٻولي ڪميشن“ مقرر ڪئي وڃي، جنهن تي سڀني ٻولين جي مفادن کي، خالص علمي نقطي نگاهہ کان ۽ هڪ جيتري نمائندگي حاصل هجي، تہ اها پاڪستان ۾ ٻولين جي مسئلي تي غور ۽ فڪر ڪري، اُن بابت پوري پوري پڇا ڳاڇا ڪري ۽ هڪ جامع رپورٽ پيش ڪري، جنهن تي ڪُل – ملڪي پيماني تي آئيني، انتظامي ۽ تعليمي طور عمل ٿي سگهي.

(14) جيڪڏهن اسان جي هِن خواهش کي، ڪنهن خيال کان، حد کان مٿي يا ٻاهر سمجهيو وڃي، تہ اُن حالت ۾ اسين سنڌي زبان لاءِ هڪ ”بااختيار اعليٰ حڪومتي انتظاميہ“ جي فوري مقرريءَ جي گهُر ڪريون ٿا، جيڪا 1972ع جي سنڌ قانون نمبر 2 جي اغراض و مقاصد جي تعميل لاءِ ڀرپور موقعا، سهوليتون ۽ وسيلا پيدا ڪري، جيڪو قانون، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي عين مطابق، سنڌ صوبائي قانون ساز اسيمبليءَ، سنڌ صوبي ۾، سنڌي ٻوليءَ جي تعليم، ترقيءَ ۽ قومي ٻوليءَ سان گڏ، هڪ صوبائي ٻوليءَ طور سرڪاري استعمال لاءِ پاس ڪيو هو.

(15) اسين گورنمينٽ آف سنڌ کي پوري ادب ۽ اخلاص سان گزارش ٿا ڪريون تہ هوءَ هِن سلسلي ۾ پنهنجي ذ ميدارين کي سڃاڻي ۽ زبان جي مٿي ڄاڻايل **سنڌ قانون** کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ڀرپور مالي ۽ انتظامي اقدام کڻي ۽ پاڪستاني ملت جي سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهن کي عين احسانمنديءَ جو موقعو عطا ڪري.

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | سيد غلام مصطفيٰ شاهه | (25) | غلام رسول ميمڻ |
| (2) | پير حسام الدين راشدي | (26) | پروفيسر اياز قادري |
| (3) | مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي | (27) | محمد بخش سومرو |
| (4) | ڊاڪٽر غلام علي الانا | (28) | غلام رسول شيخ |
| (5) | علي احمد بروهي | (29) | امداد علي اوڍو |
| (6) | اياز گل | (30) | محمد اسحاق |
| (7) | ڊاڪٽر تنوير عباسي | (31) | زين العابدين |
| (8) | ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ | (32) | سڪندر ڪوسو |
| (9) | پير شاهه راشدي | (33) | شيخ اياز |
| (10) | خادم حسين عباسي | (34) | نصير اعجاز |
| (11) | پروفيسر بدرالدين اجڻ | (35) | خدا بخش سومرو |
| (12) | سيد مومن علي شاهه | (36) | مهرالله سومرو |
| (13) | نعمت الله پٺو | (37) | ڊاڪٽر خدا بخش |
| (14) | نقوش سيال منگي | (38) | خليل مورياڻي |
| (15) | آزاد جتوئي | (39) | اشفاق احمد منگي |
| (16) | گرڏنو پنجابي | (40) | عبدالسلام |
| (17) | انور فقير هَڪڙو | (41) | نياز پنهور |
| (18) | فاروق احمد مورياڻي | (42) | خير محمد کوکر |
| (19) | غلام حسين پٺو | (43) | عبدالسلام قاضي |
| (20) | محمد ابراهيم جويو | (44) | هدايت الله آخوند |
| (21) | نذير احمد چنو | (45) | شوڪت حسين شورو |
| (22) | خان محمد پنهور | (46) | عبدالقادر جوڻيجو |
| (23) | مختيار احمد سومرو | (47) | قاضي خادم |
| (24) | ڊاڪٽر سليمان شيخ | (48) | امداد حسيني |
| (49) | استاد بخاري | (54) | ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو |
| (50) | قادر جوڻيجو | (55) | عبدالرحمان |
| (51) | شمس الدين جوڻيجو | (56) | مولانا عزيزالله ٻوهيو |

| | | | |
|---|---|---|---|
| (52) | عبدالرحمان شيخ | (57) | محمد ڏتل سومرو |
| (53) | مهتاب احمد تنيو | | ******************** |

[ ٻوليءَ جي سوال بابت هڪ ياداشت جو سنڌي مَتن، جيڪو حڪومتي اختيار جي صاحبن کي سال 1981ع جي آخر ۾ پيش ٿيو، ۽ اُن کان پوءِ ڪيئي ڀيرا رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپرو ٿيندو رهيو آهي؛ جنهن جو سواءِ ماٺ جي، وٽن ٻيو جواب ڪونهي. م - ا – جويو ]